# اٿو لٿو ۽ اڇو

ڪرشن چندر

عمر ميمڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلور جوبلي

عظمت ادبي اڪيڊمي نمبر ٢٥

# اٺو لٺو ۽ اجهو

ڪرشن چندر

عمر ميمڻ

عظمت ادبي اڪيڊمي

حيدرآباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ جملي حق ۽ واسطا محفوظ ]

نالو : اڌو لڌو ۽ اڌو
مصنف: ڪرشن چندر
مترجم: عمر ميمڻ
ڇاپو : پهريون
سال : جنوري ١٩٨٥ع
پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت ١٦-٠٠

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب م. ع. ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي پاران، سردار پرنٽنگ پريس، ڪاڌي ڪاٽو حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۵۱ع ۾ ...

## پيش لفظ

اداري جو پنجويهون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. جيڪو سفر فيبروري ۱۹۷۶ع ۾ ننڍڙي ڪتاب ”اڳهاڙيءَ“ سان شروع ٿيو هو سو آهستڙي آهستڙي جاري آهي. انهيءَ سموري وقت ۾ اسان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ڪا خدمت ڪري سگهيا آهيون يا نه، تنهن جو فيصلو ٻوليءَ ۽ ادب جي پارکن تي ته ڇڏجي، ۽ عوام جي خدمت ۾ سٺا ۽ معياري ۽ گهٽ قيمت وارا ڪتاب پيش ڪري سگهيا آهيون يا نه، انهيءَ جو فيصلو پڙهندڙ ڀائرن تي.

اسين پنهنجي عاجزاڻي ڪوشش جاري رکنداسون، شل قبول پوي.

ڪجهه ڪتاب متعلق — هي ڪتاب اردوءَ جي جڳ مشهور ليکڪ ڪرشن چندر جي ڪتاب ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان“ جو ترجمو آهي جنهن ۾ هڪ هاريءَ جي زندگي بيان ڪيل آهي ته ڪهڙيءَ ريت هو زميندار جي غلاميءَ ۾ جڪڙيو ويو هو، مٿس ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا ويا، پوءِ هو ڪهڙي ريت ان غلاميءَ مان جان ڇڏائي ڀڳو، مزوري ڪيائين ۽ مزوريءَ دوران ڪيس ڪهڙين ڪهڙين تڪليفن جو منهن ڏسڻو پيو، پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن سنڌس ملاقات هڪ همدرد ڪامريڊ سان ٿي جنهن سنڌس نظرياتي تربيت ڪئي، ۽ پوءِ هو ڪيترن زميندارن ۽ جاگيردارن سان وڙهيو، ڪيس ۽ سنڌس دوستن کي ڪيتريون قربانيون ڏيڻيون پيون ۽ ڪيس آخر ۾ هارين ۽ مظلومن ۽ محڪومن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ موت جي سزا ڏني ويئي.

ڪرشن چندر جو ناول پڙهندڙن لاءِ نئون نه آهي تنهنڪري ڪتاب جي مواد متعلق ڪجهه چوڻ بيڪار آهي، باقي ترجمي ڪرڻ وقت مون پوري ڪوشش ڪئي آهي ته ڪتاب جي روح کي برقرار رکي سگهان. پنهنجي انهيءَ ڪوشش ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان تنهن جو فيصلو پڙهندڙ ڪن.

ساٿ سلامت

عمر ميمڻ

١-١٦-١٩٨٥ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ننڍپڻ، جيڪو هر انسان جي زندگيءَ جو انهيءَ لحاظ کان خوبصورت ترين دور هوندو آهي جو اهو زمانو بي فڪريءَ جو زمانو هوندو آهي، بس وقت تي ماني ملي. ٻيو دنيا ۾ ڇا ٿيو وهي واپري تنهن سان ٻار جو ڪو واسطو نه آهي. انهيءَ هوندي به ٻالپڻ اڪثريت جو ته جهڳين ۽ گند ڪچري جي ڍيرن تي گذرندو آهي. بي فڪر هوندي به اهي ٻار ۽ سندن زندگيون، جهڳين ۽ گند ڪچري جي محور تي ٿيون گذرنديون آهن. منهنجو ننڍپڻ ڪشمير جي جنت نظير واديءَ ۾ گذريو. فطرت جي حسين منظرنگاري ۽ واديءَ جي سونهن، سوڀيا جي هنج ۾ پرورش حاصل ڪري آءٌ وڏو ٿيو آهيان، انهيءَ ڪري هن ڪائنات جي جنهن شئي مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي سا آهي فطرت.

سياري ۾ ڪڪر جهڙن اڇن، سفيد گلن جي صورت ۾ آسمان تان وسندڙ برف جي برسات ۽ بهار ۾ هزارين رنگن جي رنگ برنگي ۽ مختلف قسمن جي خوشبوئن وارن گلن جي ٽڙڻ جي وقت تائين، مون فطرت جي هر ڪيفيت جو گهوڙهي نگاه سان جائزو ورتو آهي ۽ گهري نظر سان مطالعو ڪيو آهي. فطرت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اهو سيکاريو تہ اسين فطرت جا ڳجهہ معلوم ڪري، فطري تنظيم ۽ ترتيب جو طريقيڪار معلوم ڪري انساني سماج ۾ اهي ئي قانون لاڳو ڪري، پنهنجي زندگيءَ کي فطرت جي ويجهو ڪري سگهون ٿا يا پاڻ فطري نظام تي سوچ ويچار ڪري، پنهنجو عقل ڊوڙائي، پنهنجي سمجهہ استعمال ڪري اسين فطرت کان بہ ڪو وڌيڪ منظم ۽ ترتيب وار معاشرو قائم ڪري سگهون ٿا جنهن ۾ سادگيءَ بدران ڀرپور زندگي گذاري سگهجي ٿي. شهرن ۾ رهي سگهجي ٿو، ۽ مشينن کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. انهيءَ جي باوجود هر شئي فطري لڳي سگهي ٿي.

فطرت ۽ سائنس ڪانپوءِ، يعني ننڍپڻ ۾ فطرت جا حسين نظارا ڏسندو رهيس. فطرت جي خامين ۽ خوبين جو مطالعو ڪندو رهيس، اسڪول ۾ داخل ٿيس ۽ ٻالپڻ کان مٿي چڙهيس تہ سائنس منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي ۽ جڏهن ڪاليج ۾ هوس تن ڏينهن روس مان هڪ آواز بلند ٿيو. دنيا جا مزدورو، هڪ ٿي وڃو. اهو آواز مون بہ ٻڌو ۽ دنيا جي ڪروڙها نوجوانن ٻڌو ۽ انسان کي انسان جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ، هڪ نئين انسان، نئين انساني سماج جي تعمير لاءِ روس مان آيل اهو سڏ منهنجي سوچ جي صلاحيت کي هڪ نئون موضوع بخشي ويو. ڪاليج ۾ سائنسي مضمونن سان گڏ مون مارڪس، اينگلز ۽ اينن کي پڙهڻ شروع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿين، پر مون کي تہ زندگيءَ جي تجربن مان خبر پيئي آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن.

پهريون ادبي ڪتاب جيڪو پڙهيو سو الف ليليٰ جو اردو ترجمو هو. اها ٽيئن درجي جي ڳالهہ آهي. بابا ادبي ڪتاب پڙهڻ کان منع نہ ڪندو هو، اماں کي سخت اعتراض هوندو هو. الف ليليٰ کانپوءِ مون سدر شن جون ڪهاڻيون پڙهيون ۽ پوءِ پريم چند پڙهيم. ميٽرڪ تائين اردوءَ جو چڱو چوکو ادب نظرن مان ڪڍي چڪو هوس، ميٽرڪ ۾ ٽيگور پڙهيم جنهن ڪافي وقت تائين ذهن کي متاثر ڪيو. روسي عوامي انقلاب کان اڳ جي روسي اديبن جون لکڻيون منهنجي خيال ۾ عالمي ادب جون سرواڻ آهن، پشڪن، گوگول وغيره اهڙو ادب تخليق ڪيو آهي جيڪو ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ مشڪل سان ملي سگهندو.

پراڻن اديبن ۾ جن کي بار بار پڙهيو اٿم ۽ پڙهندو رهندس سي شيڪسپيئر ۽ غالب آهن. موجوده يورپي ناول نگارن ۾ ميخائيل شولوخوف، هيمنگوي ۽ هاورڊفاسٽ منهنجا پسنديده اديب آهن.

اجنتا جي غارن ۾ مصوري ۽ سنگ تراشيءَ جا جيڪي شاهڪار مليا آهن. تن جي آءٌ تعريف ڪندو آهيان پر گذريل چار سؤ سالن ۾ يورپي مصورن ۽ سنگ تراشن جيڪي شاهڪار تخليق ڪيا آهن تن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڪاڻ نہ ڪرڻ وڏي ۾ وڏي منافقي ٿيندي.

نثري ميدان ۾ يورپي ليکڪن کي مڃيندو آهيان ۽ شاعريءَ ۾ مشرق جي شاعريءَ جا عاشق.

عاشق تہ اڃان گهڻين شين جو آهيان جو سڄ روز نڪرندو آهي ۽ پاڻ سان گڏوگڏ هڪ نئين نرالي دنيا ڪڍي ايندو آهي. ڪيترين جو ذڪر ڪريان، جو اهو سلسلو تہ اڻين هلندو ٿي رهندو.

**ڪرشن چندر**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرشن، اردوءَ جو سڀ کان وڏو اديب آهي. ادبي لحاظ کان وڏو، پر قد جو ڇوٽو. جنهن تي ڪنهن اهو ڇيو هو ته اردوءَ تي بندرن جو قبضو آهي. هو ڪنهن تعارف جو يا سندس ڪتاب لکڻي ڪنهن تبصري جي محتاج نه آهي. پر ته به نه ڄاڻ ڇو هن مون کي پنهنجي هن لکڻيءَ تي تبصرو لکڻ لاءِ چيو، ۽ آءٌ اهو فرض پورو پيو ڪريان ڇو جو ڪرشن جي ڪا ڳالهه ٽارڻ منهنجي وس ۾ نه آهي. هاڻي سوچيان پيو ته منهنجو اهو قدم ڪيتري مون تي ماڻهو ڏنو ڪلائي. سچي ڳالهه ته اها آهي ته ڪرشن جي نثر تي مون کي هميشه رشڪ ايندو آهي. منهنجي خيال ۾ هو هڪ بي ايمان شاعر آهي. جيڪو ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ ايندو آهي، ۽ وڏين وڏين علمي مجلسن ۾ اسان سمورن ترقي پسند شاعرن کي ڦڪو ڪري ڌڪ ڏيئو هليو وڃي. پنهنجي هڪ هڪ جملي تي غزل جي خوبصورت شعرن وانگر عالمن ۽ نقادن کان واهه واهه جا سرٽيفڪيٽ وٺيو وڃي. ۽ آءٌ دل ئي دل ۾ خوش ٿيندو آهيان ته شڪر جو قدرت هن جادوگر کي شعر جوڙڻ جو ڍنگ نه سيکاريو نه ته جيڪر ملڪ ۾ هڪ به شاعر قدم نه ڄمائي سگهي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرشن جو مشاهدو نهايت ڳوڙهو ۽ سوچ جي اُڏام نهايت بلند آهي. سندس لکڻيءَ ۾ دريا جي لهرن وارو وهڪرو آهي ۽ لفظن ۽ جملن ۾ دلين تي اثر ڪرڻ جي بي پناهه صلاحيت. سندس انهن خوبين جو اعتراف سندس نقاد ۽ دشمن به ڪندا آهن. سندس لکڻيءَ کي آءٌ سونهن جو سمنڊ ۽ ڊاڪٽر ملڪ راج آنند ”شاعراڻي حقيقت نگاري“ چوندا آهيون. هو لفظن جو جادوگر آهي ۽ جيئن چانڊوڪيءَ جو ٿڌو ٿڌو نور زمين ۽ ڪائنات جي هر شئي کي پراسرار بڻايو ڇڏي تيئن ڪرشن پنهنجي قلم جي نور سان پنهنجي بيان ۾ پراسرار سونهن پيدا ڪرڻ تي قادر آهي. سندس قلم جو سحر ڪيتري دير تائين دماغ تي طاري رهندو آهي.

آءٌ انهن نقادن سان متفق نه آهيان جيڪي چون ٿا ته ڪرشن جو شاعراڻو انداز افساني کي افسانو رهڻ ڏي نٿو ڏي. يعني نه ته اها شاعري آهي ۽ نه ئي افسانو. صفا ڪا ٻي جنس، پر جنهن کي پڙهڻ لاءِ هرڪو مجبور آهي. پر منهنجي خيال ۾ سندس لکڻ جو انداز ئي ته آهي جنهن جي ڪري سندس بيان ڪيل واقعن ۾ ايترو اثر ٿو هجي. هو رئارڻ چاهي ته قاري روئيو پوي، کلائڻ چاهي تــه قاري کلڻ تي مجبور، خواب ڏيکاري ته قاري خوابن جي دنيا ۾ گم. ڪنهن جي قلم کي ايتري طاقت آهي؟ منهنجي خيال ۾ سندس انداز بيان ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۽ موضوع سان اهڙيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برداشت نہ ڪري سگھيو، سندس دل زخمي ٿي پيئي. هندوستان ۾ تاريخ جو بدترين ڏڪار پيو تہ بکين انسانن جو درد ۽ تڪليف ڪرشن جي قلم بہ محسوس ڪيو. هن انسان جي نئين جنم متعلق سوچيو، اهڙي دنيا ۽ اهڙي سماج متعلق سوچيو جتي غلام ۽ آقا نہ هوندا، جتي هر انسان برابر هوندو. ڪوبہ بکيو نہ رهندو، ڪو اگھاڙو نہ رهندو، هر ڪنهن وٽ گھر هوندو، هرهڪ جي عزت محفوظ هوندي، جڏهن انسان وحشي نہ، انسان هوندو.

ڪرشن جي لکڻين ۾ هندوستاني مٽيءَ جي خوشبو آهي. سندس رڳن ۾ وقت ۽ تاريخ جو رت گردش ڪري رهيو آهي. منجهس روس ۽ چين وارو اعتماد آهي، اسپين جي بهادري ۽ شجاعت آهي، ڪوريا جي قربانيءَ وارو جذبو آهي ۽ سندس اندر واري لڪيل شاعر جا حسين جذبا، لاثاني سونهن آهي.

ڪرشن، انسان جي درخشان آئيندي جو ذڪر ڪيو آهي.

”ها، آءٌ وڌيڪ ٿو چاهيان. ٻار جي مُرڪ لاءِ، هر انسان جي خوشيءَ لاءِ، هر انسان جي چپن تي مرڪ پکيڙڻ لاءِ. مون ٻڌو آهي تہ چين ۾ هڪ هاري آهي ’لي‘ ۽ انڊونيشيا ۾ هڪ مزور آهي ’نورالدين‘ ۽ يونان ۾ هڪ لوهار آهي ’مارڪاس‘ ۽ برما، ملايا ۽ ڏور اوير جي ٻين ڪيترن ملڪن جي گھاٽن ٻيلن، جهنگن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشيون ملهايو،
حق جي جلوس جي رهبري ڪريو،
جنگ ڪريو ۽ دشمن کي ماري ڀڄايو.
اڃو، اڃو، ڌرتي اوهان کي سڏي رهي آهي.

۽ جڏهن ظالم احتجاج ڪندڙ هڪ روح کي خاموش ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن ته ان هڪ روح جي رت مان هزارين پيا روح ميدان ۾ نڪريو اچن، ۽ اهڙي ريت اهو قافلو وڌندو ئي پيو وڃي.

اينجلز جو چوڻ آهي ته مخصوص حالتن ۾ مخصوص ڪردارن جي سچي تصوير، سچائي ۽ حقيقت نگاري جي بنياد آهي ۽ اڄڪلهه هندوستان ۾ هارين، مزورن ۽ وچولي طبقي جي پنهنجي بقا واري جدوجهد سڀ کان روشن حقيقت آهي جنهن جي منظرڪشي، ۽ ترجماني ڪرشن ڏاڍي خلوص سان ڪري رهيو آهي. لينن چوائي "هر عظيم فنڪار پنهنجي دور جي انقلاب جي ڪنهن نه ڪنهن رخ جو ترجمان هوندو آهي." ۽ ڪرشن هندوستاني جمهوري انقلاب جي اهم ترين رُخ جو ترجمان آهي. جيڪي ماڻهو حقيقت جي نظرن سان ڏسڻ جا عادي آهن، سي رڳو ظلم، نا انصافي، ڏاڍ، صبر، غربت ۽ تشدد کي حقيقت سمجهندا آهن پر انهن خلاف اٿندڙ تحريڪ کي حقيقت نه سمجهندا آهن. اهڙا ماڻهو حقيقت کي ڇرندڙ ڦرندڙ روپ ۾ نٿا ڏسي سگهن ۽ پنهنجي تعصبي ذهن جي ڪري ڪرشن جي

ڪهاڻين کي پروپيگنڊا سمجهندا آهن پر ڪرشن لاءِ حقيقت اها آهي جيڪا چرندڙ ڦرندڙ آهي يعني تحريڪ. انقلاب.

”ڏو لڙو ۽ اڇو“ جو هيرو راڳهوراءُ، پاويهه ورهين جو نوجوان هاري آهي، جنهن کي زنده رهڻ خاطر پنهنجا حق گهرڻ جي ڏوهه ۾ ڦاسيءَ وسيلي موت جي سزا ٻڌائي وئي آهي. ڪهاڻي سندس زندگيءَ جي آخري رات کان شروع ٿئي ٿي. هو سڄي رات پنهنجي گذريل زندگيءَ جي واقعن جي يادن ۾ گم رهي ٿو، ۽ پنهنجي زندگيءَ جي ساعتن جو حساب ڪندو ٿو رهي ۽ سڄين ساعتن ۾ ڪوٺين ڪوڙين بي مقصد ساعتن کي ڌار ڌار رکندو ٿو اچي. ۽ پرهه ڦٽڻ مهل کلندو ڪڏندو، آزاديءَ جا گيت ڳائيندو ڦاسيءَ جي تختي تي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيو وڃي ٿو.

هيءَ هڪ سادي سودي ڪهاڻي آهي. دنيا ۾ اهڙيون ڪيترين ئي ڪهاڻين حقيقت جو روپ ٻيهر اختيار ڪيو هوندو. هيءَ ڪهاڻي هندستان جي ڪنهن به باشعور هاريءَ جي ڪهاڻي ثابت ٿي سگهي ٿي. هن ۾ ڪو فلسفو، ڪو ڦيرگهير نه آهي. ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي ۽ بنا ڪنهن مونجهاري جي ختم ٿيو وڃي.

دريا جيئن ڪنهن جبل جي چوٽيءَ يا ڪنهن ڊيڊ مان پيدا ٿيندو آهي ۽ جهنگ جهر، جبل بيابان برپٽ جهاڳيندو وڃيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري تيئن رگهوراءُ هڪ

تلنگانا، هارين جي جدوجهد، قربانين ۽ بهادريءَ جي بي مثل داستانن جي ڌرتي آهي. هاري، جيڪو صدين کان زمين تي رهي ٿو، جنهن جو سڀ کان وڌيڪ گهاٽو ۽ گهرو رشتو آهي ڌرتيءَ سان، جنهن کي صرف ڌرتيءَ سان پيار آهي، سو پنهنجي نوڪدار، تيز هر سان ڌرتي ماءُ جو سينو چيري ٿو، پوءِ ڌرتيءَ کي امانت طور ٻج ڏئي ٿو، پوءِ جڏهن ڪاڙهو تپي ٿو، سج پنهنجي پوري جوڀن تي هجي ٿو، جڏهن پکي پسکي، جانور ۽ انسان سڀ پاڇي جي ڳولها ۾ هوندا آهن، چانڊوڪي ۽ ٿڌڪار جي ڳولها ۾ هوندا آهن، ڌرتيءَ جا چپ سڪي ٺوٺ ٿي ويندا آهن، ۽ جڏهن مينهن پوندا آهن، طوفان لڳندا آهن، تڏهن هاري زمين تي اڪيلو هوندو آهي. هر ڏيڻ، ٻج ڇٽڻ، گڏ ڪڍڻ، پاڻي ڏيڻ، گاهه ڪڍڻ، سڀ ڪم هاريءَ جو، فصل کي مينهن ۽ طوفان کان بچائڻ ڪم هاريءَ جو، فصل کي لڻڻ، ڳاهڻ ڪم هاريءَ جو، پکهر وهائڻ، ڏينهن رات هڪ ڪري، پنهنجو سک آرام وڃائي محنت ڪرڻ فرض هاريءَ جو، پر آخري وقت جيڪو هاريءَ جي انهيءَ سموري محنت جي اجوري حاصل ڪرڻ جو وقت هوندو آهي، پنهنجو حق وصول ڪرڻ جو وقت هوندو آهي تڏهن زميندار نڄاڻ ڪٿان نڪري نروار ٿيندو آهي ۽ فصل ڪٽائي ويندو آهي. نه راتيون جاڳيو، نه ڪاڙهي ۾ پکهر وهايائين، نه طوفانن ۽ مينهن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڌرتيءَ جي فصلن جي حفاظت ڪرڻ ۽ پنهنجن حقن جي حفاظت ڪرڻ ڏوهه آهي ته پوءِ ته زنده رهڻ به ڏوهه آهي ۽ ساهه کڻڻ به ڏوهه آهي ۽ دل جو ڌڙڪڻ به ڏوهه آهي.

رگهوءَ هڪ دفعو وري پنهنجي دل ۾ جهاتي پاتي. پر هينئر به کيس اهڙي ڪا ڳالهه نظر نه آئي، اهڙو ڪو گناهه، ڪو ڏوهه نظر نه آيو جنهن تي سندس روح کي شرمسار ٿيڻو پوي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو، پنهنجن عملن جو احتساب ڪندي جڏهن انهيءَ هنڌ پهتو، تڏهن وڌيڪ احتساب جي ضرورت نه محسوس ڪيائين. هن ڪو ڏوهه نه ڪيو هو. سندس ضمير مطمئن هو، سندس روح کي اطمينان هو. ۽ پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب جا پنا اٿلائي، ڪتاب هڪ طرف رکي ڇڏيو، ۽ مطمئن ٿي موت جو چهرو ڏسڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

آءٌ ڪرشن کي هن ناول لکڻ تي مبارڪ ٿو ڏيان.

سردار جعفري
بمبئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگهوراءَ جي عمر ٻاويهہ سال هئي۔ ۽ اڄ جيل جي هن ڪوٺڙيءَ ۾، هن فاني دنيا ۾ هيءَ سندس آخري رات هئي۔ جيئن ڏي ٻاک ڦٽندي ۽ دنيا جي انسانن لاءِ نئين زندگي، عزم ۽ همت جو پيغام کڻي ايندي، رگهوءَ جي زندگيءَ جي شمع ڪي وسايو ويندو۔ جيڪا زندگي کيس خدا طرفان مليل آهي ، سا ڪانئس دنيا ڏي خدا ڦري رهيا آهن۔ سڀاڻي کيس ڦاسي ڏني ويندي۔

هن ڇا ڪيو هو جو کيس ايتري سخت سزا ڏني ويئي؟؟

ڪال ڪوٺڙيءَ جي ٻاٽ اونده ۾ اگهاڙي فرش تي ليٽيل رگهوراءَ سوچي رهيو هو۔ سرڪار تہ کيس موت جي سزا ڏني هئي۔ پر ڇا واقعي هن ڪو ايڏو وڏو ڏوهہ ڪيو هو جنهنڪري سندس زندگي کسي ويئي؟ هن پنهنجي زندگيءَ جي، پنهنجي عمر جي انهيءَ عرصي ۾ ڪيل عملن جو حساب ڪيو ، جائزو ورتو، تہ ڇا هو واقعي ڏوهاري هو؟

ٻاويهہ سال تمام مختصر عرصو آهي ۔ انهن مان پهريان پنج ڇهہ سال تہ اهڙا آهن جن ۾ انسان مڪمل طور تي ماءُ پيءُ جو محتاج ٿيو هجي ، انهيءَ عرصي جو ڪوبہ عمل سندس پنهنجو نٿو هجي۔ انهيءَ ڪانپوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ۾ وڏي ڪسوٽي خود انسان جو ذهن آهي. پنهنجن عملن جو احتساب جيتريقدر سچي نموني انسان خود ٿو ڪري سگهي، ٻيو ڪير نٿو ڪري سگهي. ۽ هن وقت رگهوراءَ پنهنجي عملن جو احتساب ڪري رهيو هو، پنهنجي زندگيءَ، پنهنجي عملن جي ڪوڙن ۽ سچن سڪن جي پرک ڪري رهيو هو.

جيتوڻيڪ هاڻ رگهوءَ لاءِ وقت پورو ٿي چڪو هو. سندس زندگيءَ ۾ جي کرا سڪا گهٽا ٿيا ته به چا ۽ جي ڪوڙا سڪا گهٽا ٿيا ته به چا. جي سچا سڪا گهٽا ٿيا ته هو هاڻ انهن مان ڪو فائدو نٿو حاصل ڪري سگهي ۽ جي ڪوڙا سڪا گهٽا ٿيا ته انهن کي سچو نٿو ڪري سگهي.

پر پنهنجي لاءِ نه ته ٻين جي ڀلي خاطر. ايندڙ نسلن جي ڀلي خاطر. هو پنهنجي زندگيءَ جو احتساب ڪري ٿو. احتساب ڪري هو دنيا کي ٻڌائڻ چاهي ٿو ته هن جيڪي ڪجهه ڪيو سو صحيح ڪيو، يا غلط ڪيو. جيئن ڪانٽس پوءِ ايندڙ انسان به سندس عملن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ لاءِ راهه عمل جو انتخاب ڪن، جيئن انهن کي سچ ۽ ڪوڙ، حقيقت ۽ ڏيکاءُ ۾ فرق محسوس ڪرڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي ، جيئن هو سچ لاءِ جان ڏيڻ ۾ عار نه سمجهن، حقن جي حصول لاءِ دشمن سان وڙهڻ کان ڪيٻائين نه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آخر ۾ هو امتحان ۾ ڪامياب ٿيندو آهي ته استاد پنهنجي محنت تي خوش ٿيندو آهي، تيئن رگهوءَ جي فرمانبرداريءَ تي گهنشام خوش ٿيو. هاڻ سندس پٽ صحيح معنيٰ ۾ ڪمي تي چڪو هو، ڏگري حاصل ڪري چڪو هو. جيڪو سماج جي انهيءَ جوڙجڪ خلاف اکر ڳالهائي ٿو سو امتحان ۾ فيل ٿيو وڃي، پوءِ اهڙي نافرمان کي زنده رهڻ جو حق به نٿو ڏنو وڃي. رگهو جيئن ته ڳالهه کي سمجهي ويو ۽ خاموش رهيو تنهنڪري گهنشام خوش ٿيو. هاڻ گهنشام ڪوشش ڪندو ته پنهنجي پٽ جو هٿ ونڊائي، ۽ رگهو ڪوشش ڪندو ته پيءُ جي ڪلهن تي پيل سمورو بار پاڻ کڻي وٺي، ۽ زميندار جاگيردار ڪوشش ڪندو ته هنن ٻنهي تي آهستي آهستي بار وڌائيندو وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳهوءَ، ڏاڍي غور سان انهيءَ سڪي جو جائزو ورتو . ڪيترين ڏينهن کان پوءِ سندس پيءُ ۽ منجهس ساڳيون هيون . پيءُ جو قد، پيءُ جا نيڻ نڪ، پيءُ جو رنگ، پيءُ جي غريبي.

قد، رنگ ۽ شڪل صورت ڪي نه ته بدلائي سگهبو ٿي، نه ڪي سندس دل ۾ اهڙي ڪا خواهش به ڪڏهن پيدا ٿي . پر پنهنجي غريبي حال کي بدلائڻ چاهيو هو. ۽ اها خواهش ڪا جوانيءَ ۾ ڪونه پيدا ٿي هئي. گهڻو اڳ ڪڏهن ننڍپڻ ۾ جي گهڻنڌام شهر ويندو هو ته، ننڍڙي رڳهوءَ کي به گڏ وٺي ويندو هو. ۽ اتي هن ڪجهه ڳورن ڇتن، صاف سٿرن ٻارن کي اسڪول ويندي ڏٺو هو. هٿن ۾ ڪتاب ڪاپيون، جسم تي اڇو اجرو لباس، خوشحال، کلندڙ مرڪندڙ چهرا. تڏهن هن تصور ئي تصور ۾ خود کي به انهيءَ روپ ۾ ڏٺو. پاڻ لاءِ به اهي شيون حاصل ڪرڻ جي خواهش، سندس معصوم ذهن ۾ پيدا ٿي هئي. اڇو اجرو لباس، ڪتاب ڪاپيون ۽ مُرڪ. هن جي ننڍڙي ذهن تڏهن پنهنجي حالت تي غور ڪيو هو . تن تي هڪ قاتل، ميري قميص، هيٺيون ڌڙ اگهاڙو، اٽيا وار ، گدلو جسم. خوبصورت ٻارن ۽ سندن صاف لباس کي ڇهڻ ، کين پيار ڪرڻ جي شديد خواهش به سندس معصوم دل ۾ پيدا ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جو سج لٿي مھل جڏھن پکي پکڻ به پنھنجن آشيانن ڏانھن موٽي رھيا ھئا تڏھن ميلي جي رونق به گھٽجڻ لڳي ۽ ھي ٻئي ڀيءُ پٽ واپس پنھنجي ماڳ ڏانھن موٽڻ لڳا.

رستي تي ڪيئن زميندار جا خاص ماڻھو پيمو ۽ درگا گڏيا، ٻنھي جون اکيون ڪچي شراب پيئڻ ڪري ڳاڙھيون ھيون، ٻنھي وٽ پستول ھئا. گھنشام کين ڏسي پڇيو. سائين خير ته آھي؟

”درگي چيو“ مان مٺائي ۾ ھليا ھلندا ته خير ٿي سمجھو.

ڇو؟ ڪيڏانھن ھلڻو آھي؟

سورياپيٽ ڳوٺ. بيگر لاھ. ھينئر ھن وقت. زميندار گھرايو آھي.

پر اڄ ته ميلو آھي. اڄ ته موڪل آھي. گھنشام چيو.

اھي لفظ سندس زبان مان مس نڪتا ته پيمي کيس ڳلي مان جھلي ورتو. ۽ پر ڪري به زوردار ٺڦڙون وھائي ڪڍيائينس. درگي سندس پٺڪو لاھي مٿي ۾ اڇلايو. پيمي سندس ٺٺون ڀھراڻ ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو ۽ گوڏ کولي کيس جنگ جي روبرو اگھاڙو ڪري ڇڏيائين ۽ لت ھڻي زمين تي ڪيرائي ڇڏيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيولهو ڏيندي حقارت مان چيو.

گهنشام وري هٿ ٻڌي چيو ”غلطي ٿي ويئي سائين. هيلوڪو معاف ڪريو. مون ته گهڻو ئي چيو پر ڇورو مڃيئي نه، چوي ميلي تي نوان ڪپڙا پائي هلندس!“

”نوڪي خبر نه آهي ته مالڪن جي سامهون نوان ڪپڙا نٿا پائي سگهجن؟“

”خبر اٿم سرڪار.“

”پوء؟“

”بس سائين، اچوڪي معافي ڏيو. ٻيهر اهڙي غلطي نه ٿيندي.“

”انهيء ڪري مون تنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا آهن. جيئن اڳتي لاء هوشيار رهين ـ ڪميء کي ڪمي ٿي رهڻ گهرجي.“

”ٺيڪ ٿا چئو سائين .... ائين ئي ٿيندو.

ٻيمي ۽ درگا ميلي ۾ گهمندڙ سائيڪو کن هاري گڏ ڪيا ۽ پوء انهن کي ٻڪرين جي ڌڻ وانگر وٺي زميندار جي ڪوٽ تي آياه ڪوٽ جون ڀتيون شاهي هيون . اصل آسمان سان ٿي ڳالهيون ڪيائون . وڏو شاهي لوهي گيٽ هو ۽ اندر زميندار جي حويلي هئي جيڪا ڪنهن به هاريء نه ڏٺي. ڪوٽ سان لڳو لڳ اوطاق هئي جتي زميندار هارين سان ملندو هو.

رگهو اڄ پهريون دفعو اوطاق ۾ آيو هو. اڳي زميندار جو ڪوٽ هن صرف پري کان ڏٺو هو. هڪ ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفعا ويجهو ٻه آيو پر اندران ڪجهه نظر نه آيس ۽ نه هو خود اندر وڃڻ جي همٿ ڪري سگهيو ڇو ته دروازي تي هر وقت ٻه هٿيارٻند پهريدار موجود رهندا هئا.

ٻارن ۾ هر نئين شيءِ متعلق وڌ ۾ وڌ معلومات حاصل ڪرڻ جو مادو هوندو آهي، رگهو ٻه اڃان ٻار هو، سو زميندار جي اوطاق ۾ آيو ته هيڏانهن هوڏانهن جاڳرو وڻي پنهنجي ٻاراڻي جذبي جي تسڪين پئي ڪيائين ته اوچتو گهنشام ڪنڌ مان ورتس ۽ سخت لهجي ۾ چيائين، ”اڙي ٻوڪ، ڇو اچي پنهنجي ۽ منهنجي ٻوڙيان پيو آهين، رئيس جي اوطاق ۾ ائين ڳاٽ اوچو ڪريو ويٺو آهين ڄڻ پڻهين جي اوطاق هجي. متو جهڪائي، نگاهون هيٺ ڪري ويهه.“

تڏهن رگهوءَ ڏٺو، سمورا هاري هٿ ٻڌيو، نظرون جهڪايو ويٺا هئا. ڀين ڪي ڏسي ۽ پيءُ جي چوڻ تي هن به ائين ئي ڪيو.

پوءِ اوچتو رگهوءَ هڪ رعبدار آواز ٻڌو ”درگا.“

”جي مالڪ“ درگي جواب ڏنو. پر رگهو اکيون مٿي ڪري انهيءَ هستيءَ کي ڏسڻ جي همٿ نه ڪري سگهيو. آواز مان ئي خوفناڪ ٿي لڳو.

”ڪيترا هاري وٺي آيو آهين؟“

”ست آهن سائين.“

”ٺيڪ آهي، ڪافي آهن. هاڻي هنن لاءِ ماڻيءَ جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوبست ڪري وٺو ڇو ته ڪافي پري وڃڻو آهي، ۽ ڪم به گهڻو آهي.“

”ماني هرڪو پاڻ سان کڻيو آيو آهي مالڪ“ پيمي جواب ڏنو.

جنهن تي گهنشام دل ۾ سوچيو، اهو ته نسورو ڪوڙ آهي. ماني ته ڪنهن به نه آندي هئي. معنيٰ، هاڻ بيگر ۾ وڌڻو پوندو ۽ بکئي پيٽ .... هن حراسي ۾ جو ڇا تي ويو جيڪو اهو ڪوڙ ڳالهايائين.

”چڱو چڱو .... ته پوءِ جلدي روانا ٿيو.“ رڳهوءَ وري اهو، ساڳيو سخت آواز ڪڍو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيمو ۽ درگا، مالڪ جي وچڻ ڪان پوءِ ابتي پيرن هارين کي اوطاق مان ٻاهر ڪڍي آيا، ۽ متن سامان بار ڪرڻ لڳا. سامان تمام گهڻو هو، چار ته خالي ڏوليون هيون. هڪڙي جگن ناٿ ريڊيءَ لاءِ جيڪو سري پورم، پٽي پاڊو ۽ ٻين آسپاس جي علائقن جو بي تاج بادشاهه هو.

ٻي ڏولي جگن ناٿ جي پٽ پرتاب ريڊيءَ لاءِ هئي جنهن جي سورياپيٽ ڳوٺ ۾ شادي هئي.

ٽئين ڏولي پرتاب جي ماءُ يعني رئيسماٽيءَ جي لاءِ هئي ۽ چوٿين ڏولي خالي هئي. پهريون ٻئي ڏوليون پاسن کان کليل هيون جڏهن ته ٽئين ڏولي مڪمل طور تي بند هئي ۽ چوٿين ڏولي جيڪا اڃا خالي هئي سا به بند هئي، پر اها خالي ڏولي، بلڪل نئين هئي ۽ ان تي رنگين گل ڦل ٺهيل هئا. چئني طرفن ڳاڙها، ريشمي پردا لهرائي رهيا هئا جن تي زريءَ جو ڪم ٿيل هو ۽ موتي ٽانڪيل هئا. هوا لڳڻ تي پردا لڏيا ٿي ۽ انهن تي ٽانڪيل موتين ۽ شيشن اهڙو آواز ٿي ڪيو ڄڻ اوچتو سهڻي آواز واريون ان ڏهه ڇوڪريون هڪ ئي وقت کلِيون هجن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگهوراءُ سمجهي نہ سگهيو تہ اهي ڏوليون ڇا لاءِ هيون ۽ انهن مان هڪ ڏولي مختلف ڇو هئي. هن پنهنجي پيءُ کان به اهو سوال پڇڻ چاهيو، پر گهنشام کيس ڪو جواب ڏيڻ بدران خاموش رهڻ جي، سخت لفظن ۾ تاڪيد ڪئي.

ڪلاڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ڪمهن جو اهو قافلو روانو ٿيو، هر ڏوليءَ سان گڏ اٺ ڪمي هئا، اڳيان مالڪ جي ڏولي، ٿهان پوءِ گهوٽ جي ڏولي ۽ پوءِ گهوٽ جي ماءُ جي ڏولي، آخر ۾ سينگاريل پر خالي ڏولي. گهنشام مالڪ جي ڏولي کڻڻ وارن ۾ شامل هو ۽ رگهوءَ کي هڪ وڏو آئينو کڻڻ لاءِ مليو جنهن ۾ هن وري ويري پنهنجو منهن ٿي ڏٺو ۽ خوش ٿي ٿيو، شايد خود کي سهڻو پئي محسوس ڪيائين انهيءَ جي باوجود هو ڇوٿين يعني خالي ڏوليءَ کان پري ڪونہ هو. هن اها منجهہ دور ڪرڻ ٿي چاهي تہ آخر خالي ڏوليءَ کي ڇو پئي نيو ويو. انهيءَ خالي ڏوليءَ کي پنهنجن ڪلهن تي نيڻ وارن ۾ بصريو بہ هو جيڪو گهنشام جو دوست هو، انهيءَ ڪري رگهو سندس ويجهو ويجهو هلندو رهيو ۽ جڏهن ڇوٿين ڏولي ڪافي پوئتي رهجي ويئي تڏهن هو اچا بہ سُري بصريءَ کي ويجهو ٿيو ۽ آهستي آهستي پڇڻ لڳو.

”چاچا، هيءَ خالي ڏولي ڪنهن لاءِ آهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پڙهڻ لاءِ آهي،“ ٻصريو اڄ سخت ڪاوڙ ۾ هو. ڇو ته زميندار جا گرگا ڪيس ميلي مان زوريءَ گهلي آيا هئا. سال جا سمورا ڏينهن مالڪ جا هڄڻ ٿا پر ميلي واري هڪڙي ڏينهن تي نه ڪميءَ جو به حق هئندو آهي. انهيءَ ڪاوڙ جو اظهار هو زميندار يا سندس گرگن اڳيان نه ڪري نٿي سگهيو جو موچڙن جو ڊپ هئس، پر هينئر انهيءَ ڪاوڙ جو اظهار رگهوءَ کي جواب نه ڏيئي ڪري رهيو هو.

”چرچا نه ڪر چاچا .... ٻڌاءِ نه.“

رگهوءَ جو لهجو اهڙو هو جو ٻصرڻي جي ڪاوڙ اڏامي ويئي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري، تمام آهستي چيائين ”پٽ ان ڏوليءَ ۾ زميندار جي ماءُ جي پيءَ (گار ڏيندي) ايندي.“

”ڪير ايندو چاچا؟“ رگهو سمجهي نه سگهيو.

”زميندار جي پٽ جي (گار ڏيئي) ماءُ جي (گار ڏيئي) ايندي.“

رگهو اڃا به نه سمجهي سگهيو. هو استفهامي نظرن سان ٻصرڻي ڏانهن ڏسندو رهيو. ٻصرڻي نفرت وچان زمين تي ٿڪيو ۽ حقارت مان چيائين، ”اڄ کان سال کن پوءِ جڏهن نئين مالڪ جي شادي ٿيندي تڏهن سندس ڪنوار کي هن ڏوليءَ ۾ سورياپيٽ کان سري پورم آندو ويندو ۽ تڏهن به تو ۽ مون کي انهيءَ محنت لاءِ وڄڻو پوندو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٽين ڏولي ڪافي پوئتي رهجي ويئي. زميندار جو هڪ گرگو اهو ڏسي ڏانهن آيو ۽ ٻصرڻي ڪي ڇهڪ وهائيندي چيائين ”ڪهڙا پيو پڙهين جا داستان ٻڌائين. ڏسين نٿو قافلو ڪٿي وڃي پهتو آهي.

ڇهڪ جو سٽڪو ٽيو تہ ٻصريو ۽ ٻيا ڪمي ڏوليءَ سميت تتل گهوڙن وانگر وٺي ڀڄا. رگهو بہ سندن پويان ڊوڙندو ويو.

سري پورم کان سورياپيٽ تائين گڏهن وانگر مال ڍوئڻ ڪو سولو ڪم نہ هو، پر ان پنڌ جون تڪليفون هينئر رگهوءَ کي ياد نہ هيون. ياد هو تہ ڪيس اهو منظر جيڪو هن آئيني ۾ پنهنجي ڳوٺ جو ڏٺو هو. ڳوٺ کان ڪافي پنڌ تي وڃي هڪ جابلو چاڙهيءَ تي چڙهڻ دوران هن آئيني ۾ ڳوٺ جو منظر ڏٺو هو. چئني طرفن پکڙيل ڦٽين جو فصل ۽ ٽڙيل گل ٻاٽين مان ليٽا پائيندڙ سفيد سفيد ڪپهہ جا گل .... ڄڻ تہ سڄي ڳوٺ تي برف جو مينهن وٺو هجي .... آندرا لاءِ اهو منظر ٽي برفباريءَ سان مشابهت رکندڙ آهي.

ننڍڙن نقطن وانگر نظر ايندڙ ڪڪائـان گهرڙا، ميلي واري هنڌ ٽيمندڙ هلچل ۽ سڄي ڏينهن جي محنت مزوريءَ کان پوءِ پنهنجن آکيرن ڏانهن موٽندڙ پکي پکڻ.

پنڌ ۽ بار ڍوئڻ واري تڪليف ۽ ڏکيائيءَ جي باوجود آئيني ۾ نظر ايندڙ سندس گهر، ڳوٺ جو تلاءُ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پنهنجو ڳوٺڙو تمام گهڻو پسند آيا، ۽ سندس دل ۾ هڪ عجيب احساس پيدا ٿيو. ڳوٺ لاءِ آڳاٽ محبت جو احساس. زندگيءَ جي ڪتاب جي صفحن تي پنهنجي ڳوٺ ۽ عزيزن قريبن کان دوري، جيڪي خوبصورت چٽ اپاريندي ۽ نروار ڪندي آهي سي هن سري پورم کان سورياپيٽ ويندي، آئيني جي معرفت محسوس ڪيا.

انهيءَ هڪ ڏينهن گهر، غريباڻي ڳوٺڙي ۽ سهڻي ڌرتيءَ جي ياد کي رڳهو زندگيءَ جي ڪنهن به ساعت ۾، ڪنهن به موقعي تي، ڪنهن به وقت پنهنجي دل جي تختيءَ تان ميساري نه سگهيو ۽ اڄ هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند، موت جو انتظار ڪندي به هو انهيءَ خوبصورتيءَ ۽ سونهن کي ياد ڪري رهيو هو. ڳوٺ جو هڪ هڪ منظر کيس ياد اچي رهيو هو ۽ هو اکيون بند ڪيو تصور جي نگاهه سان انهيءَ ڌرتيءَ ٽڪڙي ۽ انهيءَ ڪائنات کي ڏسندو رهيو جيڪا سندس جنم ڀومي هئي، جتي هن ٻالپڻ جا بيفڪريءَ وارا ڏهاڙا گهاريا هئا ۽ جتي هن زندگيءَ جا ڪيئي روپ ڏٺا هئا، هاريءَ جي بيوسي، زميندار جا ظلم، هاريءَ جي اطاعت شعاري ۽ رئيسن جي سرڪشي، هارين ۽ غريبن جي محڪوميت ۽ اميرن جي حڪومت .... انهيءَ ڳوٺ هن کي مرڪ لاءِ، ڪل لاءِ، خوشيءَ لاءِ، زندگيءَ جي حسن لاءِ، انهن حقيقتن جي منڪرن، چورن ۽ ڌاڙيلن خلاف جنگ جوٽڻ لاءِ همت عطا ڪئي هئي، انهيءَ ڳوٺ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتيءَ ڪيس اهو جذبو بخشيو هو جنهن تحت هن وڏن وڏن فرعونن سان مقابلو ڪيو هو.

اها ڌرتي .... اهو ڳوٺڙو .... اهو ڪڪائون گهر .... سندس ماءُ سمان هئا. هينئر جڏهن ماضيءَ تي نظر وجهندي ڪيس پنهنجي زندگيءَ جي پهرين بيگر ياد آئي تڏهن اهو منظر به ياد آيس جنهن جي ڪري ڪيس سفر جو ٽڪ ۽ بيگر جو ڏک وسري ويو هو ۽ انهيءَ سفر جي جيڪا بي ڳالهه ڪيس ياد هئي سا هئي سڳهڙن جي لوڪ ڪٿا پڌائي.

سورياپيٽ ۾ ڪين رات رهڻ لاءِ گهوڙن جي اصطبل ۾ جاءِ ڏيڻ جي سخاوت ڪئي ويئي هئي. اصطبل ۾ ڳوٺ جي ڏيپدار، شري راما راءُ، ڳوٺ جي پروهت شري شيارام شاستري ۽ ڳوٺ جي پوليس چوڪيءَ جي انچارج شري لڪشمي ڪانت ۽ ٻين معزز مهمانن جا گهوڙا ٻڌل هئا ۽ گهوڙن سان گڏ سري پورم ڪان ننڍي مالڪ جي ڇڪ سان گڏ آيل ڪمين کي به رهايو ويو هو. اميرن جي گهوڙن يعني سواريءَ جي جانورن سان گڏ .... اهو به سندن احسان هو، نه ته اميرن جي سواريءَ جي جانورن کي جيترو سکيو ۽ خوش رکيو ويندو آهي اوترو هنن غريب ڪمين کي ڪتي تو ڏنو وڃي. اصل ۾ ته هنن جي حيثيت اميرن جي سواريءَ جي جانورن کان به هيٺاهين آهي.

کي اڪيتي ڪٺي هلندو هو.

جڏهن رات جي ڪارانس جي حڪومت هر طرف قائم ٿي ويئي ۽ جڏهن چار ئي ڏساڱون خاموش ٿي ويون، هر طرف سانت جي حڪمراني هئي ۽ جڏهن گهوڙن سڪل ٻاجهر جا داڻا کائي ۽ ڪمين اڀاربل ٻاجهر جي داڻن سان پنهنجي پيٽ جي دوزخ کي ڀري ورتو تڏهن سگهڙن، گهوڙن جي پاڻي پيئڻ واري تلاءَ جي پاسي ۾ ڏيا ٻاري رکيا ۽ ڏين جي جهڪي جهڪي روشنيءَ ۾ قصو بيان ڪرڻ شروع ڪيو.

اڇي ڏاڙهيءَ واري پوڙهي چيو ”اڄ ڪان گهٽو اڪ....“

مسخري وچ ۾ ڳالهايو ”جڏهن جگن‌نات ريڊيءَ جو هن ڌرتيءَ تي وجود ڪونه هو....“

اڇيءَ ڏاڙهيءَ واري چيو ”گهٽو گهٽو اڪ جي ڳالهه آهي...“

مسخري چيو ”جڏهن ڪمي غريب نه هئا، اڇا چانور کائيندا هئا ۽ ريشمي ڪپڙو پائيندا هئا....“

قصو شروع ٿي ويو. يڪتاري جو ساز وايومنڊل ۾ پيار ۽ محبت جون لهرون پيدا ڪري رهيو هو. ڪمي، يڪتاري جي ساز ۽ پوڙهي سگهڙ جي مٺي آواز جي جادوءَ ۾ گرفتار ٿي ويا. ڪهاڻي آندرا جي شاندار ماضيءَ جي هئي، جڏهن آندرا جي ڌرتيءَ تي طبقا نه هئا، ڪو غريب ۽ ڪو امير نه هو. جڏهن هرڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪاڻ لاءِ آن، پهرڻ لاءِ سٺي ۾ سٺو لباس ۽ رهڻ لاءِ ڇت ميسر هئي.

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سهڻي جوڳيءَ جو ذڪر هو جيڪو ڪهاڻيءَ واري ڳوٺ جي ويجهو رهندو هو، شهزاديءَ جي پوڄا ڪندو هو ۽ سنسار مان ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ لاءِ آيو هو .... ماڻهن کي پڳوان ڏانهن اچڻ جو پيغام ڏيڻ آيو هو. جوڳيءَ جي ملاقات پنهنجي انهيءَ مهم دوران حسين ۽ جميل راجڪماريءَ سان ٿي ۽ سندس دل ۾ راجڪماريءَ لاءِ پيار جا جذبا ڇوليون هڻڻ لڳا.

پوڙهي سگهڙ راجڪماريءَ جي سونهن جو اهڙو ته بيان ڪيو جو ٽڪل ٽٽل ڪمي ڪيتري دير تائين راجڪماريءَ جي سونهن جي سحر ۾ گم هئا.

آسمان تي جيسيتائين تارا چمڪي رهيا هئا تيسين فضا ۾ يڪتاري جو ساز جادو پکيڙيندو رهيو. مسخرو وچ وچ ۾ ڳالهيون ڪريو، ابتا سبتا سوال پڇيو محفل کي زعفران بڻائي رهيو هو ۽ پوڙهو سگهڙ هر طرف کان بي خبر ٿيو داستان ٻڌائي رهيو هو.

رگهوءَ کي خبر ئي نه پئجي سگهي ته هو ڪيترو وقت جاڳندو رهيو هو. آسمان تي تارا ٽمڪي رهيا هئا ۽ لڪ لڪوٽي کيڏي رهيا هئا. ڏيئن جي روشنيءَ جو عڪس پاڻي واري تلاءَ ۾ ڏڪي رهيو هو ۽ ڪمي گهوڙن جي سنگت ۾ قصو ٻڌي رهيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پڇڻو هوندو هو، بيگر ڪان گُسائڻو هوندو هو ته هو ناگيشور وٽ ايندو هو، ۽ ناگيشور کيس پاڻ وٽ پناهه ڏيندو هو، پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو هو. ناگي ۽ رگهوءَ جي دوستيءَ جي بنياد نفرتن جا جذبا هئا ـ هڪجهڙا ڏک هئا، هڪجهڙا احساس هئا.

ناگيءَ کي زميندار سان نفرت انهيءَ ڪري هئي جو هو سال ۾ چار ڇهه دفعا ڪانئس رڍون ۽ ٻڪريون طلب ڪندو هو بنا ڪنهن اجوري جي .... ڇو؟ زميندار جي پيءُ جو مال هو! ناگي غريب هو. سندس گذرسفر جو ذريعو سندس مال هو. زميندار کي ڪهڙو حق ٿي پهتو جنهن تحت هو مفت ۾ ناگيءَ کان سندس جانور ڪٽندو هو؟ ۽ جي ڪڏهن هو انڪار ڪندو هو ته زميندار جا ڳرڳا رات پيٽ ۾ ٻيڻا ٽيڻا جانور ڪٽي ويندا هئا ۽ ناگيءَ کي مار به کائڻي پوندي هئي. انهيءَ ڪري هاڻ هو انڪار ته نه ڪندو هو پر پنهنجي دل ۾ نفرت ته رکي سگهيو ٿي! انهيءَ نفرت جي جذبي کي ته ڪير سندس دل مان نٿي ڪڍي سگهيو.

۽ رگهوءَ کي به زميندار سان نفرت هئي ڇو ته هو ڪمي هو. زميندار جو غلام هو ۽ سندس پيءُ به ڪمي هو، جيڪي زمين تي محنت ڪندا هئا. ڌرتيءَ جو سينو چيري انهيءَ ۾ ٻج دفن ڪندا هئا، پوءِ فصل تيار ٿيڻ تائين هر آفت هر مصيبت جو مقابلو ڪرڻ به سندن فرض. پر جڏهن فصل پچي راس ٿيندو هو تڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري ۽ ڪمي ڏسندا ٿي رهجي ويندا هئا ۽ سمورو اَن زميندار جا گرگا کڻي ويندا هئا. اَن پيدا ڪرڻ وارا بک مرندا هئا ۽ زميندار جا گودام اَن سان ڀريل رهندا هئا. رگهوءَ جيئن هوش سنڀاليو هو تيئن اها ڪرت ڏٺي هئائين، پر گهنشام ڪيس ٻڌايو هو ته اهو به وقت هو جڏهن هو ڪمي يا هاري نه هئا. زميندار جا غلام ۽ محتاج نه هئا. تڏهن هو بي زمين نه هئا. زمين سندن ذاتي ملڪيت هئي. هر ۽ ڍڳا سندن پنهنجا هئا، جيڪو اَن هو اُپائيندا هئا تنهن تي صرف سندن حق هوندو هو. هر طرف خوشيءَ جو دور هو، خوشحالي هئي. سندن گهر پڪا هئا ۽ ڪير به بکيو نه هو، ڪير به اُگهاڙو نه هو. ڍڳيون ۽ مينهون هونديون هيون، ڪير مکڻ جام هو، اڱڻ تي صحتمند ٻار راند ڪندا هئا ۽ سهڻيون من موهڻيون نهرون ۽ ڍيرون خوشيءَ جا گيت جهونگاريندڙيون هيون.

۽ ايترو ٻڌائڻ کان پوءِ گهنشام انتهائي حقارت ۽ نفرت وچان چيو، ”هوءَ سامهون حويلي ڏسين ٿو نه پٽ .... زميندار جو محل .... انهيءَ حويليءَ جي رهندڙن اسان جو سڀڪجهه اسان کان کسي ورتو. اسين انسان هئاسين، هنن اسان کي جانور بڻائي ڇڏيو. مال ڍوئڻ وارا خچر ۽ گڏهه، سواريءَ وارا اٺ ۽ گهوڙا، هر ۾ جوٽڻ وارا ڍڳا .... اها حويلي، انهيءَ حويليءَ ۾ رهندڙ اسان جا دشمن آهن. پٽڙا، منهنجي پيءُ يعني تنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏي اها نفرت مون کي ورثي ۾ ڏني هئي. اج تون وڏو ٿي ويو آهين، جوان ٿي ويو آهين ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته هاڻ انهيءَ قابل ٿي ويو آهين جو انهيءَ ورثي جي چڱيءَ ريت حفاظت ڪري سگهين ٿو، تنهنڪري اج آءٌ اها امانت تنهنجي حوالي ٿو ڪريان .... ماڻهو پنهنجي اولاد کي ورثي ۾ سون ڏيندا آهن، جائيداد ڏيندا آهن، زمينون ڏيندا آهن، گهر ڏيندا آهن، پر مون وٽ ڪجهه به نه آهي، نه زمين، نه سون، نه گهر .... صرف اها نفرت آهي جيڪا مون کي منهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي آهي ۽ پنهنجي سڄي زندگي مون انهيءَ نفرت جي حفاظت ڪئي آهي .... پنهنجي سڄي حياتي نفرت جو اهو ڳرو بار مون پنهنجي ڪلهن تي کنيو آهي ۽ هاڻ آءٌ ٿڪجي پيو آهيان، پوڙهو ٿي ويو آهيان، هاڻ وڌيڪ وقت آءٌ اهو بار کڻڻ جي طاقت پاڻ ۾ نٿو پائيان، تنهنڪري اها تنهنجي حوالي ٿو ڪريان، جي تون انهيءَ نفرت جي اظهار جو ڪو رستو ڳولي سگهين، ته توکي اجازت آهي....

۽ تنهن ڏينهن کان پوءِ رگهوءَ پيءُ جي بخشيل اها نفرت، هڪ مقدس ۽ پاڪ امانت وانگر ڪٺي نهايت حفاظت سان پنهنجي دل جي هڪ خاني ۾ رکي ڇڏي. جتي ٻيو ڪجهه به نه هو .... صرف اها نفرت هئي .... ۽ پوءِ جيئن وقت گذرندو ويو ۽ خود رگهوءَ کي به نت نوان تجربا ٿيا، ذاتي طور تي هن زميندار جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظلمن جو مشاهدو ڪيو، تيئن سندس نفرت ۾ اضافو ٿيندو ويو.

زندگيءَ ڪيس ٻڌايو هو ته زميندار جي وڏي حويلي ڪو صرف سندس خاندان جي خوشين جي قاتل ۽ دشمن نه هئي پر رامو، ٻصريو، وينڪٽ راءِ، ۽ ٻين سوين هارين جي خاندانن جي دشمن هئي، انهن گهرن جي معصوم ٻارڙن جي تن تان ڪپڙو، ڏيڍرن ۽ نهرن جي چپن تان خوشين ڀريا گيت، سندن محنت ۽ پگهر جي ڪمائي، سندن اجهو، سڀڪجهه انهن کسيو هو .... انهيءَ وڏي حويليءَ جي رهاڪن چورايو هو.

۽ زميندار لاءِ اها نفرت، رگهو ۽ ناگيشور جي دوستيءَ جو سبب بڻي. اهڙا ٻيا به ڪيترا ئي نوجوان هئا، گهنشام جو پٽ، راموءَ جو پٽ، ونيڪٽ جو پٽ، جن جي تن تي پورو ڪپڙو به نه هو، جن جون عزتون محفوظ نه هيون، جن کي زندگيءَ جو ڪو سک ميسر ڪونه هو پر پرتاب ريڊي جيڪو سندن همعمر هو، سو هنن سڀني جو ننڍو مالڪ هو. رگهو سوچيندو هو ته ڳوٺڙي ۾ ڪمي گهٽا هئا ۽ پرتاب ريڊي صرف هڪ. جي سڀ هاري ايڪو ڪئي ڪن ۽ پرتاب ريڊيءَ خلاف بغاوت ڪن ته اڪيلو هو ڇا ڪر ڪري سگهي؟ حويلي ڪٿي ڪيڏي به وڏي هئي، ڪيتري به مضبوط هئي پر هارين جي ايڪي اڳيان ڪر منٽن ۾ تباهه ٿي وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مقدس مرڪ پکڙجي ويئي.
گيتا ....

رگهو اڄ کان ٽي سال اڳ واري زماني ۾ موٽي ويو. ڦٽين جا فصل تيار هئا، گل ٻاٽيون ٽڙي چڪيون هيون ۽ هر طرف سفيد ڪپر جهڙا ڪڪر، جا گل پکڙيل هئا. جيستائين نگاهه وڃي ٿي، رڳو برف ئي برف، رڳو ڪپر ئي ڪپر ٿي نظر آيو. رگهو، ڪپهه جا نرم نرم، ريشم جهڙا ملائم گل چونڊي رهيو هو. گهنشام بيمار هئڻ سبب اچڪلهه زمين ۾ ڪم نه ڪندو هو، تنهنڪري اڪيلي رگهوءَ کي پنهنجي ۽ پڻس جي حصي جو ڪم ڪرڻو پوندو هو.

گل چونڊيندي هو جهونگاري به رهيو هو. انهن ڇوڪرين کي ڏسي نه، جيڪي سامهين رخ کان گل چونڊينديون ڏانهس اچي رهيون هيون، پر پنهنجو ڌيان لاهڻ لاءِ، ڌڪ جي احساس کي مٽائڻ لاءِ، ۽ پنهنجي گيت جي لفظن ۾ پنهنجي محنت جي آواز کي به شامل ڪرڻ لاءِ .... پر اوچتو هو خاموش ٿي ويو .... ڇو ته سندس بلڪل سامهون ۽ ٻنهي پرسان ڪپهه جي ٻن گهاٽن ٻوٽن وچان برف جهڙو هڪ سچو پچو جيئرو-جاڳندو انساني گل نمودار ٿيو ۽ ڏانهس نهاري مرڪڻ لڳو....

موت رگهو راءِ کان صرف چند ساعتون دور هو. اهڙي وقت گيتا سندس خيالن ۾ اچي ويئي .... پيار ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت جي ديوي .... هڪ اهڙي مکڙي جيڪا اجا ٽڙي ڪونہ هئي پر تنهن هوندي بہ سندس بدن جي خوشبو هر اينڊڙ وينڊڙ کي خود کان بيگانو ٿي ڪري ڇڏيو. رگهو اکيون بند ڪري، هر خيال کي ذهن جي پردي کان دور ڪري، گيتا کي ائين ڏسي لڳو جيئن هن پهريون دفعو کيس فصل ۾ ڏٺو هو.

گيتا ڏاڍهس نهاري مرڪي هئي. سندس سنهڙا سنهڙا گلابي چپ ٿورڙا کُليا هئا تہ اندران آبدار موتين جي چمڪ دمڪ وارا سندس ننڍڙا ننڍڙا ڏند ڏسڻ ۾ آيا هئا، ۽ پوءِ گيتا جو مٿيون لباس، ڳاڙهي رنگ جي چولي .... جنهن ۾ موتي ۽ شيشا ٽانڪيل هئا ۽ جڏهن هن ڪنڌ موڙي پويان نهاريو هو تہ رگهوءَ کي خبر پيئي تہ چولي پويان کليل هئي، ۽ ڳاڙهن ڌاڳن (جن سان چوليءَ کي پويان ٻڌندي هوندي)، جا نشان سندس کير جهڙي رنگ جي نرم نرم چمڙيءَ ۾ رت جي شريانن وانگر ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. پوءِ جڏهن گيتا وري مڙي ڏاڍهس نهاريو تہ کيس خبر پيئي تہ سندس ڊگهن وارن ۾ گلاب جو هڪ وڏو گل لڳل هو ۽ ڳاڙهي ريشم جا ٻہ چوٽا سندس جوانيءَ جي نشانين تي پهرو ڏيئي رهيا هئا جن جي ڇيڙن ۾ موتي ٽانڪيل هئا .... ۽ جڏهن هن رگهوءَ کي پاڻ ڏانهن اک ڇنڀڻ بنا نهاريندي ڏٺو تڏهن ڪجهہ گهٻرائيندي، ڪجهہ لڄائيندي هن مٿئين ڌڙ تي پنهنجو ريشمي ڳاڙهو رئو پکيڙيو تہ رگهوءَ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ٿيو ته رڳو ٻه ڳاڙهي رنگ جو هو ۽ مٿس گل ڦل ڪڙهيل هئا، ۽ موتي ۽ شيشا ٽانڪيل هئا، جيڪي سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا. سندن چمڪ اهڙي هئي جو انساني اک برداشت نٿي ڪري سگهي...

۽ جڏهن گيتا ڪپهه جو گل چنڻ لاءِ پنهنجو هٿ وڌايو ته رگهوءَ ڏٺو سندس ٻنهي ٻانهن ۾ سفيد عاج جا چوڙا هئا ۽ ساڄيءَ ٻانهن تي سائي رنگ سان سندس نالو لکيل هو ۽ نرڙ تي ڳاڙهي رنگ جو تلڪ. تلڪ کان هيٺ نهاريائين ته ڪيتري دير تائين ته سندس هرڻيءَ جهڙي اکين جي گهرائيءَ ۾ گم رهيو. سڊول پورو پنو نڪ، ڪنڌ جي ڊاڙ جهڙي سونهري رنگت، پريل پريل جسم ۽ پورو قد.... نه ڊگهي نه ڇوٽي.

۽ اهو سڀڪجهه صرف هڪڙي ساعت ۾ ٿي ويو.

ٻي گهڙيءَ، هو ٻه مرڪيو هو.

پر اها ٻي ساعت ايتري اهم نه هئي، جيتري پهرين، جڏهن گيتا ڏانهس نهاري مرڪي هئي ۽ هيئنئر ڪالڪوٺڙيءَ ۾ هن، انهيءَ پهرين ساعت کي بار بار پئي ياد ڪيو، ۽ پنهنجي هن وقت تائين واري سموري حياتيءَ ۾ هن وري وري، هر وقت، هر ساعت، هرهنڌ انهيءَ پهرين ساعت کي ياد رکيو هو. اها گهڙي سندس زندگيءَ جو حاصل هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين تي ڪم ڪندي، جهنگ ۾ گهمندي، پوليس ۽ فوج سان مقابلو ڪندي، پوليس ۽ فوج کان لڪندي، ڪاغذ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي، جبلن ۽ غارن ۾ روپوشيءَ وارن ڏينهن ۾، زميندار جا ظلم سهندي، زميندار جي گرگن جا چهبڪ کائيندي، هر وقت هن انهيءَ پهرين ساعت کي پاڻ وٽ سڏيو هو ۽ جڏهن جيل ۾ هن بک هڙتال ڪئي هئي تڏهن به انهيءَ ساعت کي پاڻ وٽ سڏي ورتو هئائين ۽ انهيءَ کان قوت ارادي حاصل ڪئي هئائين، انهيءَ گهڙيءَ کي ياد ڪري خود کي مضبوط ڪندو هو ۽ پوليس وارن جا ظلم سهندو هو .... ۽ ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو انهيءَ گهڙيءَ کي ڪمزور ۽ ڏڌو محسوس ڪري پاڻ کان دور ڀڄائي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بنا ياد ڪرڻ جي اها گهڙي وٽس اچي ويندي هئي ۽ اهڙي وقت کيس ذهني اذيت پهچائيندي هئي. جيئن ڪنهن بيابان ۾ اڃايل مسافر کي سامهون پاڻي نظر اچي پر اتي پهچڻ تي کيس احساس ٿئي ته پاڻي نه پر رڃ آهي. اڃايل مسافر جو اهڙي موقعي تي ڇا حال ٿيندو هوندو؟ اهڙو ئي حال رگهوءَ جو تڏهن ٿيندو هو جڏهن گيتا اوچتو سندس خيالن ۾ اچي ويندي هئي ۽ حقيقت ۾ ڪانئس پري هوندي هئي.

گيتا، رگهوءَ جي زندگيءَ جو حسين باب هئي، بهار جو گل هئي، پرهه ڦٽيءَ مهل جي ٺاڙي هير هئي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس دل جو چين ۽ ذهن لاءِ سڪون جو سبب هئي.
گيتا، رگهوءَ جي محبت هئي. محبت جيڪا هن فاني
دنيا جي وڏي ۾ وڏي حقيقت آهي، محبت، جيڪا نه
هجي ها ته انسان سدائين وحشي رهي ها ڪڏهن انسان
نه بڻجي سگهي ها .... محبت جيڪا هاريءَ لاءِ، مزدور
لاءِ ۽ غريب لاءِ دل جي استقامت ۽ ارادي جي مضبوطيءَ
جو سبب بڻجي ٿي جيڪا سچن انقلابن ڪي، ملڪ
جي آزاديءَ جي راهه ۾ درپيش اينڌڙ عذابن کي برداشت
ڪرڻ جي توفيق ٿي عطا فرمائي .... محبت جيڪا
سيڪجهه آهي ۽ گيتا، رگهوءَ لاءِ سڀڪجهه هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا جو تعلق گرگان جي قبيلي سان هو جيڪي قافلي جي صورت ۾ اچ هڪ ڳوٺ ۾ خيما کوڙيو ويٺا هوندا ته صبحاڻ وري ڪنهن ٻئي شهر ۾ نظر ايندا. گيتا جي پيءُ جو نالو ڀاڳوند (ڀاڳ ـ ونڊ) هو ۽ هو پنهنجي قبيلي جو چڱومڙس هو. هن دفعي پوڳاڙتي نديءَ جي ڪپ تي آباد هن ڳوٺ ۾ اچي منزل ڪئي هئائون. آباديءَ کان ڪجهه پريرو، صاف ميدان تي سندن خيما ۽ ڪپا ڪتل هئا. سندن جانور سڄو ڏينهن پر واري جهنگ ۾ پيا چرندا هئا، مرد سڄو ڏينهن پنهنجن ڪمن ۾ پيا هوندا هئا ۽ عورتون صبح جو ڀرين ته نديءَ تان پاڻي ڀري ايندڙيون هيون، پوءِ ماني ناهينديون هيون ۽ پوءِ ٽوليون ٺاهي ڳوٺ ۾ ڪاهي پونديون. ڪي در در تي وڃي ماني پور لاءِ صدا هڻنديون، ڪي جهنگ مان ڪاٺيون ڪري شهر ۾ وڃي وڪڻنديون، ڪي بازار ۾ ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪري، دف جي ساز تي ڳائينديون ۽ نچنديون.

جن ڏينهن ۾ گيتا وارن جو قافلو سري پورم پهتو تن ڏينهن ڪڻڪ جو فصل تيار هو. بس چونڊڻ جي دير هئي ۽ چونڊڻ لاءِ گهڻا ماڻهو گهرجن تنهنڪري جگن ناٿ ريڊيءَ جي ڪمدار سڄي قافلي کي ڦٽيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندڻ تي لڳائي ڇڏيو، ۽ اهو ئي سبب هو جو گيتا، رگهوءَ کي ڪجهه چونديندي نظر آئي.... نه ته اڪثر گيتا ٻين ڳوٺن ۾ يا ته ڌهنگ مان ڪاٺيون وڍي شهر ۾ وڪڻندي هئي يا وري ٻهرن جو ڪونئر گڏ ڪري شهر ۾ وڪڻندي هئي. رات جو وري جڏهن قافلي جا سڀ فرد اچي مڙندا هئا تڏهن گيتا جو پيءُ دف وڄائي گيت ڳائيندو هو ۽ گيتا نچندي هئي.

رگهوءَ جي زندگيءَ ۾ انهيءَ ڀيرين ساعت کان پوءِ به ڪيترا ئي موقعا آيا. ڇو ته رگهو نوجوان هو، ۽ گيتا به نوجوان هئي، ٻنهي جي دلين ۾ محبت جو خانو هو جيڪو هن کان اڳ تائين خالي هو، جذبا هئا، احساس هئا، خواهشون هيون .... ڪنهن اهڙي هستيءَ جي ٻنهي کي ضرورت هئي جيڪا صرف پنهنجي ملڪيت هجي، جيڪا پنهنجين ننڍين ننڍين خواهشن جو اظهار ڪري ۽ ٻي ڌر انهن کي پورو ڪرڻ ۾ ذهني سڪون حاصل ڪري .... سو رگهو ۽ گيتا هڪٻئي ۾ گم ٿي ويا، هڪٻئي ۾ مست رهڻ لڳا. گيتا وٽ سڀڪجهه هو. سونهن، جواني، ناز، انداز، هن جو پيار سچو ۽ کرو هو، خلوص سان ڀريل هو، ۽ رگهو جڏهن به سندس ريشم جهڙن نرم، ڪارن ڊگهن وارن جي ڇانوَ ۾ پناهه حاصل ڪندو هو ته خود کي دنيا جو خوشقسمت ترين انسان تصور ڪندو هو. گيتا پنهنجي محبوب کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي دلڪش سريلي آواز ۾ مٺڙن ٻولن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. رستي ۾ ٿي ٿورو اڳتي هلي ڪيس گهنشام جو دوست بصريو مليو .... هو به رگهوءَ ڏانهن نهاري ڪاهيو. پر رگهوءَ تي محبوب سان ملڻ جي اهڙي ته ڌن سوار هئي جو هن ڪنهن ڪي ليکيو ئي ڪونه ٿي، نه ئي ڪنهن ڳالهه تي ويچار ڪرڻ جي ضرورت ٿي محسوس ڪيائين.

هن سوچيو، پوڙهو چاچو منهنجي پيار تي ڪِلي ٿو؟ شايد انهيءَ ڪري جو مون پنهنجي ذات برادريءَ کان ٻاهر پيار ڪيو آهي. ڀلي کلي .... مون کي ڇا!

هو تڪيون تڪيون وکون ڪڍندو محبوب جي منزل ڏانهن وڌي رهيو هو. جتي قافلو ٽڪيل هو ان کان، ڪجهه پريرو سنڌن ڳڌه، ۽ ٻڪريون چري رهيا هئا، مرد، خيمن جي ٻاهر ويٺا هئا ۽ ڪجهيءَ جي پنن مان تڏا ناهي رهيا هئا، ڪجهه عورتون ٽوڪرا ناهي رهيون هيون، هڪ پوڙهي عورت اڪيلي ويٺي هئي ۽ شايد پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن واري محبوب کي ياد ڪري هڪ پيار ڀريو گيت ڳائي رهي هئي، ۽ نوجوان ڇوڪريون ڏانهس نهاري ڪِلي رهيون هيون .... رگهو اهي سڀ منظر ڏسندو، وستيءَ جي سڀ کان وڏي خيمي تائين اچي پهتو جيڪو پاڳوند جو هو .... پاڳوند ٻاهر ٿي ڪيهه ۾ لونگ وجهيو گرم ڪري رهيو هو.

رگهوءَ پڇيس، ”اهو ڇا پيو ڪرين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳوءَ اڪ پڇندي چيو، ”انهيءَ سان ملاوٽ وارو گيهه به اصلي معلوم ٿيندو آهي.“

”پوءِ اصلي گيهه ڇو نٿو وڪڻين .... بي ايماني ڇو ٿو ڪرين.“

”واهه جي صلاح ٿو ڏين. اصلي گيهه وري وٺندو ڪير ايڏو مهانگو .... ماڻهو مڙيئي نالي ۾ خوش ته اصلي گيهه پيا واپرايون، باقي اصلي گيهه جي قيمت ڪير به نه ڏيئي سگهندو.“

”گيتا ڪٿي آهي؟“

”اجهو آئي. تون ويهه ته .... ساهي ته پٽ.“

” آهي ڪٿي؟ ڪيڏانهن ويئي آهي“ .... عاشق ويچارو .... بي چين، بي قرار....

”حويليءَ ڏانهن ويئي آهي. ننڍي مالڪ جو ماڻهو آيو هو ڪيس سڏڻ لاءِ ....“

رگهوءَ کي ڄڻ ڪنهن بڙڇي هڻي ڪڍي. دل ڄڻ ته ٻاهر ٿي نڪتس. لفظ ئي نه آڪليس. ڪجهه دير ڪان پوءِ نڪ ڳڙڪائي نڙيءَ کي آلو ڪري چيائين ”ننڍي مالڪ ڇو گهرايو اٿس؟“

”مون کي ڪهڙي خبر. اڙي بابا تون ويهه ته .... صبح جو ويئي آهي، بس ڇاڻ آئي. رگهو زمين تي ويهي رهيو. اکيون ڳاڙهيون، جسم گرم .... ڪنڌ جون نبضون پرجي ظاهر ٿيون، دل جي ڌڪ ڌڪ ڏاڍي تيز....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا .... اکين ۾ خوف جو عنصر هو ۽ دل انهن
ڌڪ ڌڪ ڪري رهيو هوس ڄاڻ ڇاتيءَ جون هڏيون
پڃي ٻاهر نڪري ايندو. رگهو ته ڏانهس نهاري به نه
رهيو هو. هن جون اکيون زمين تي کُتل هيون .... ۽
گيتا جون ٻڏل ٻڏل نگاهون رگهوءَ جو جائزو وٺي
رهيون هيون.

”شربت آڻيان تنهنجي لاءِ“ .... گيتا گهٻرايل لهجي
۾ پڇيو....

”نه“ .... رگهوءَ جو رکو جواب.

”مٺائي کائيندين“....

”نه نه .... ڪونه کپي مون کي ڪجهه به“....
رگهو ڦاٽي پيو.

”ڇا آهي؟ ڇو پيو ڪاوڙ ڪرين“ .... گيتا
آهستڙي پڇيو.

”تون ڪٿي هئينءَ ايتري دير .... ڪيڏانهن ويئي
هئينءَ؟“

”پرتاب ريڊيءَ گهرايو هو .... حويليءَ ۾ ويئي
هئس.“ گيتا جو جواب .... لهجي ۾ لرزو .... نگاهون
جهڪيل.

”ڇو ويئي هئين؟“

”ڪيئن نه وڃان؟ پرتاب ريڊي مالڪ آهي .... سڄي
ڳوٺ جو مالڪ آهي.“

”پوءِ؟ اڄ ڇا ٿيو؟ ڇو گهرايو هو مالڪ توکي؟؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايستائين گيتا بيٺي هئي. اهو سوال پڊي زمين تي ويهي رهي. ڪن پلن لاءِ رگھوءَ جي اکين ۾ اکيون ملائي نهاريائين، پوءِ نگاهون جهڪائي، ٽڪل ٽڪل لهجي ۾ ورائيائين، "چا ٿيندو؟ ٻيو ڇا ٿيندو؟ ڪا نئين ڳالھ نہ ٿي، اهو ئي ٿيو جيڪو هميشہ ٿيندو آهي، جيڪو مالڪ، پنهنجي غلامن جي عزت سان ڪندا آهن."

"رنڊي .... وئشيا ...." رگھوءَ رڙ ڪري چيو.

"نہ .... آءٌ وئشيا نہ آهيان. آءٌ عورت آهيان .... ۽ ڪابہ عورت وئشيا ۽ رنڊي نہ هوندي آهي. اهي لقب اوهين مرد عورتن کي ڏيندا آهيو. مون تہ پرتاب کي صاف صاف چئي ڏنو هو تہ منهنجي ڇاتين کي پنهنجي ناپاڪ هٿن سان ڇهڻ جي ڪوشش نہ ڪجان، باقي جيڪي وڻي سو ڪر."

"انهيءَ سان ڇا ٿيندو."

"ڇاتين مان ٻار کير پيئندو، ڇاتين کي ناپاڪ هٿ لڳا تہ کير ناپاڪ ٿي ويندو."

ڪجھہ ترسي وري چيائين "مون کي تو چوين .... همت اٿئي تہ پرتاب ريڊيءَ کان پنهنجي عزت جو بدلو وٺي ڏيکار."

رگھوءَ پنهنجو سر جهڪائي ڇڏيو. اندر ۾ ڪاوڙ جا مچ هئس .... پر پرتاب ريڊيءَ تائين پهچڻ ڪو سولو ڪم هو؟؟ گيتا پنهنجا آرھ ناپاڪ ٿيڻ کان بچائي ورتا هئا ۽ ايتري تي خوش هئي .... هو سوچڻ لڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جاني .... ڇا صرف اهو سينو ئي پاڪ ۽ مقدس رهي ڪپي جنهن مان ٻار ڪير پيئندو، ڇا اها ڌڻ پاڪ نه آهي جيڪا نو مهينن تائين ٻارڙي کي پيٽ جي دنيا ۾ رت ڏيندي آهي، ڇا اهي چپ پاڪ نه آهن جيڪي ٻار کي چمندا آهن، ڇا اها زبان پاڪ نه آهي جيڪا ٻار کي لولي ڏيندي آهي، ڇا اهي ٻانهون پاڪ نه آهن جيڪي ٻار کي هنج ۾ سمهاريندڙيون آهن. تون ڪيڏي نه سادي آهين منهنجي جان جيڪا صرف پنهنجي ڇاتين کي انهيءَ ڪشش کان بچائي خوش آهين. تون نه سڄي پاڪ آهين .... تنهنجو نه پورو وجود مقدس آهي ۽ تنهنجي وار وار کي پاڪ ۽ مقدس رهڻ کپندو هو .... پوءِ ڇو تو پنهنجي پاڪدامنيءَ کي داغدار ڪيو.

پر انهن ڳالهين جو ڪيتا وٽ ڪو جواب نه هو. سندس قبيلي جي ڪنهن ڇوڪريءَ وٽ انهن ڳالهين جو جواب نه هو .... ڪنهن غريب لاچار انسان جي عزت وٽ رکهوءَ جي انهن سوالن جو جواب ڪونه هوندو .... ڪيتا هارايل انسان وانگر زمين تي ويٺي هئي ۽ بنا آواز جي پنهنجي عزت جي لٽجڻ جو ماتم ڪري رهي هئي .... ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي .... لڙڪ سندس من موهڻين، اداس اکين مان وهندا رهيا ۽ موتي ٻڻجي سڪل ڌوڙ ڌرتيءَ جي سيني ۾ سمائڻ لڳا. رکهو راڻو، سندس محبوب، سندس سامهون خاموش ويٺو لڙڪن جي برسات ڏسندو رهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ دير ڪان پوء گيتا جي نيڻن جون نديون سڪي ويون ۽ اوتري ئي دير ۾ ڌرتيءَ تان لڙڪن جا نشان به ميسارجي ويا. نه ڌرتي ڦاٽي انهن لڙڪن جي درد تي، نه نيڻن جون نديون ڌرتيءَ تي اهڙي پوڙ آڻي سگهيون جنهن ۾ ڌرتيءَ تي موجود هر برائيءَ، هر شر، هر بري اک جو وجود لڙهي سگهي .... ۽ نه آسمان گيتا جي لڙڪن جي دادرسي ڪئي .... گيتا جو پيءُ، پنهنجي ڪرت ۾ مشغول هو. سندس اکين مان چار لڙڪ وهيا، زمين ۾ جذب ٿي ويا، ۽ هو ڏڪندڙ هٿن سان ملاوٽ واري گيهہ کي اصلي ثابت ڪرڻ واري ڪم ۾ لڳو رهيو .... پوڙهي عورت جنهن محبوب جي ياد وارو گيت پئي جهونگاريو، هاڻ خاموش هئي، هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ لڳو پيو هو، بس هر طرف خاموشيءَ جو راڄ هو. هرڪو ماٺ هو .... ۽ رڳو ءَ چاتو ٿي ته اها خاموشي به وقتي هئي. ٿوري دير ڪان پوء اهو واقعو هرڪو وساري ڇڏيندو، ڇو ته پرتاب ريڊي ڳوٺ جو مالڪ آهي، هن کي جيئن وڻي تيئن ڪري، ڪير ٿو پرتاب تائين پهچي سگهي. هنن جون پانهون ايتريون ڊگهيون نه هيون .... ۽ گيتا جي عزت جي ڪهڙي قيمت؟؟ غريب جي پار جي ڪهڙي عزت؟ عزت ۽ مان شان .... اهي لفظ ته اميرن کي سونهن ٿا. غريبن جو ته پورو وجود گروي هوندو آهي اميرن وٽ . .. هر عضوو ....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي رهيو هو .... اهڙي منزل جتي هر گيتا جي عزت محفوظ هجي، جتي ڪو پرتاب ريڊي نه هجي، جتي ڪو ڪمي نه هجي، جتي ڪو بيگار تي وڃڻ لاءِ مجبور نه هجي، جتي ڪنهن کي ميلي ۾ وڃڻ کان نه روڪيو وڃي، جتي ڪنهن کي نوان ڪپڙا پائڻ تي سزا نه ملي. جتي امن هجي، محبت هجي، پيار هجي. جتي هر ڪنهن کي اٽو، لٽو ۽ اجهو ميسر هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳھوراڻ جي زندگيءَ جي گاڏي ڳوٺ مان نڪرڻ
کان اڳ آهستي آهستي سفر ڪري رهي هئي. انهيءَ
سفر ۾ ياد رکڻ جهڙا واقعا ۽ گڏ ڪرڻ جهڙا سڪا
به گهٽ گهٽ وقت کان پوءِ ئي سامهون آيا سو اڄ
جڏهن هو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو جائزو
وٺي رهيو هو ته انهيءَ مقام تائين هر واقعو ڌار ڌار
سڪي جي صورت ۾ ڪڍندو ويو ۽ پرکيندو ويو. پر
پنهنجي محبت کي قربان ڪري هو هڪ نئين جهان
جي ڳولا ۾ جڏهن پنهنجي جنم ڀومي به ڇڏي آيو ته
ڏٺائين کان پوءِ واقعا اهڙي ته تيز رفتاريءَ سان پيش آيا
۽ سڪا ائين ته گڏ ٿيا جو هن وقت هو انهن کي
ڌار ڌار پرکي نٿي سگهيو. واقعن جو هڪ تسلسل هو،
جڻ زنجير جي ڪڙين جي صورت ۾ هڪٻئي سان ڦاٻو
ٿيل. هڪ سڪو ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين ته
ٻيو ڪو نه ڪو سڪو انهيءَ سان لڳو مٿي اچيو وڃي،
هر واقعو ٻئي سان گڏ، انهيءَ جو ڪارڻ يا ردعمل....
ڪٿي زندگي انتهائي تيز هئي، ته ڪٿي وري ماٺ،
ڪٿي روشنيءَ جو اٿاهه سمنڊ هو ته ڪٿي رڃ سان
ڀرپور بيابان، ڏڪا ٿاپا کائيندو هو اڳتي ئي وڌندو رهيو،
پوئتي نهارڻ جي نه ته ڪوشش ڪيائين ۽ نه ئي وقت
کيس انهيءَ جي اجازت ڏني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن گليءَ ۾ رگھو رهندو هو، انهيءَ گليءَ ۾ پيا به ڪيترائي ڪمي رهندا هئا جيڪي سيٺن جي گهر ۾ ٿانو ٿپا صاف ڪندا هئا، ۽ جيڪي سيٺيائيون ڪٽ تان آئڻ ۾ پنهنجي بيعزتي محسوس ڪنديون هيون ته جي گهرن ۾ ماڻي پچائڻ به انهن ڪمين جو ڪم هو. جيئن زمين تي سڀ ڪم ڪمي ڪندا آهن ۽ عيش زميندار ڪندو آهي، تيئن گهر ۾ سڀ ڪم ڪمي ڪندو آهي ۽ پاڻ بک مرندو آهي.

اهي ڪمي، هندستان جي ڪنڊڪڙڇ مان آيل هئا. ڪو ڪنهن جو مائٽ يا عزيز ڪونه هو، پر چاڪاڻ ته سڀ غريب هئا، بکيا هئا ۽ هڪ ئي ڪم ڪندا هئا تنهنڪري جهڙوڪر سڀني هڪبئي سان ڪو نه ڪو تعلق قائم ڪري ويو هو. ڪين هڪبئي سان همدردي هوندي هئي ۽ جڏهن ڪم مان واندو ٿي گڏ ويهندا هئا ته مالڪن جي عياشين ۽ پاڻ سان ٿيندڙ نااتصافين جو ذڪر ڪندا هئا ۽ مالڪن کي گاريون ڏيندا هئا، گاريون ڏيڻ سان ڇا ٿي ٿيو؟ من جي ڪاوڙ ته ڪي قدر گهٽجي ٿي ويئي پر پيٽ جي بک ته ڪونه ٿي گهٽ ٿي .... ۽ اها ئي ڳالهه هڪ دفعي رگهوءَ، ونيڪٽ سان ڪئي. ونيڪٽ پاڙي جي هڪ ٻي واڻئي سيٺ جي گهر ۾ نوڪر هو.

ونيڪٽ کلندي وراڻيو ”اڙي منهنجا درويش دوست ڪهڙيون ڳالهيون ڪٺي ويٺو آهين. بک اڃين ڪونه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا جي معافي .... ۽ اها به وري هڪ نوڪر کان !!

انهيءَ ڏينهن رکو ڏاڍو اپاڻڪو رهيو. مار جو ته کيس ڪجهه ڪونه ٿيو، پر ايتري ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ جي باوجود جيئن مٿس چوريءَ جو الزام هنيو ويو تنهن کيس ذهني طور تي شل ڪري ڇڏيو. اهو ئي آهي ايمانداريءَ جو بدلو .... محنت جو بدلو....

ونيڪٽ سندس اداسي دور ڪرڻ لاءِ، سندس خاموشي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي فحش ۽ اگهاڙا چرچا ٻڌايا، چرس جو دم لڳائڻ جي ترغيب ڏنائين. پر رکوءَ جو حال ساڳيو رهيو. رات جو جڏهن رکو ڪم ڪار مان واندو ٿيو ته ونيڪٽ کيس زوريءَ اوڏانهن وٺي هليو جتي عورتون پنهنجو جسم وڪڻنديون آهن، پنهنجو ماس وڪڻنديون آهن، پنهنجي عزت، عصمت، ۽ شرافت وڪڻنديون آهن، پنهنجو پاڻ کي وڪڻنديون آهن، چند سڪن عيوض، بکئي پيٽ خاطر....

رکوءَ کي اندازو نه ٿيو ته ونيڪٽ کيس ڪيڏانهن پٺي گهليو ويو. هن پڇڻ جي ڪوشش ڪئي ته ونيڪٽ صرف ايترو جواب ڏنس ته اڄ اهڙي جاءِ تي پيو وٺي هلانءِ جت هلي پنهنجو هر غم هر ڏک وسري ويندءِ....

۽ پوءِ اوچتو رکوءَ هڪ عورت کي پنهنجي سامهون ڏٺو. ننڍڙو ڪمرو .... جنهن ۾ صرف هڪ کٽ ۽ هڪ ڪرسي پيل هئي. ڪمري ۾ تمام گهٽو دونهون پکڙيل هو ۽ عجيب قسم جي بدبوءِ اصل مٿو ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيرايو. رگهوءَ جون اکيون پرڻ لڳيون ۽ سمجهيائين ته گهٽ ۾ گهٽ سندس ساهه نڪري ويندو .... عورت سندس سامهون بيٺي هئي ۽ مرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ـ انهيءَ ڪوشش ۾ سندس پيلا پيلا ڏند ظاهر ٿي رهيا هئا .. . اکيون زندگيءَ جي چمڪ کان محروم هيون ۽ سندس چهري تي انساني عظمت جو ڪو نشان باقي ڪونه هو. صرف مصنوعيت، صرف نحوست .... هوءَ انسان ته لڳي ئي ڪونه ٿي.

رگهوءَ پونتي مڙي ونيڪٽ کان پڇيو، "هي ڇا آهي؟ مون کي ڪٿي وٺي آيو آهين."

ونيڪٽ سندس ترڻيءَ تي اٺ آنا رکيا ۽ چيائين، "عيش ڪر پٽ" .... ۽ هليو ويو.

ڪمري ۾ رگهو ۽ اها عورت اڪيلا رهجي ويا. ٻئي بيٺل .... پوءِ عورت رگهوءَ کي چيو "ويهه" .... ۽ پنهنجا ڪپڙا لاهڻ لڳي. پر رگهو اڃا به گهوري گهوري ڏانهس نهاري رهيو هو. عورت ٿورو تکي لهجي ۾ چيو "ويهين ڇو نٿو، بيٺو ڇو آهين؟"

تڏهن رگهوءَ کانئس پڇيو، "ڇا آءٌ تنهنجي سيني تي هٿ رکي سگهان ٿو؟؟"

عورت کِلي پيئي .... عجيب کل هئي. عورت جي کِل جنهن کي اديب ۽ شاعر چانديءَ جي گهنڊڙين جي وڄڻ سان تشبيهه ڏيندا آهن، سا ته نجاڻ ڪٿي هئي، هي ته ڄڻ قاتل دهل وڳو هو. چيائين "بيوقوف

اِنسان، تو پئسا ڏنا آهن، سينو ته ڇا، جتي وڻئي اتي هٿ رک، ۽ خالي هٿ ڇو....

سندس جملو ٻڌي رگھوراءُ ته پاڻي پاڻي ٿي ويو. عورت به اهڙيون ڳالهيون ڪري سگھي ٿي؟ هو مڙيو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. عورت کيس سڏيندي رهي. پر رگھوراءُ گليءَ ۾ پهچي چڪو هو. ونيڪٽ به سندس پويان پئي آيو. پر رگھو هاڻ ڊوڙڻ لڳو هو. ڊوڙندي کيس خيال آيو ته هاڻ هو سورياپيٽ مان به هليو وڃي ته چڱو.... ڇو ته سندس ڳوٺ جي عورت پنهنجو سينو ته بچايو هو، شهر جي عورت ته پنهنجو سچو وجود وڪڻي ڇڏيو هو.... پنهنجي روح کي داغدار ڪري ڇڏيو هو.

۽ هو پوءِ ڀڄندو رهيو — ڊوڙندو رهيو انهيءَ رستي تي جيڪو سورياپيٽ کان ٻاهر ٿي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪال ڪوٺڙيءَ جي اونداهه ۾ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪندي رگهوراءُ مرڪي ڏنو. سورياپيٽ جا شهري ڪمي پنهنجي ڏکن ۽ تڪليفن جو علاج ائين ڪندا هئا جو عورتن جي مارڪيٽ ۾ ڪنهن عورت جي جسم جو سودو ڪري پنهنجي هر تڪليف ۽ ڏک کي وساري ويهندا هئا. رگهو ائين نه ڪري سگهيو. سري پورم ۾ سندس محبوب جي عزت زميندار جي هٿان برباد ٿي ويئي، ۽ هو اتان ڀڄي سورياپيٽ پهتو. سورياپيٽ ۾ عورت خود پنهنجي جسم جو سودو ڪري رهي هئي ۽ رگهو اتان به ڀڳو ۽ حيدرآباد اچي پهتو. حيدرآباد وڏو شهر هو. شهر ۾ رڪشا هلندا هئا جن کي غريب ڪمي ڇڪيندا هئا جيئن گهوڙا ٽانگي کي ڇڪين. رگهوءَ کي به هڪ رڪشا ملي ويو. ڳوٺ جي آبهوا ۾ وڌو ٿيل رگهو جوان هو، باهمت هو، مضبوط هو تنهنڪري ڪيس رڪشا ڇڪڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿيندي هئي. هو بنا ٿڪجڻ جي چڙهائيءَ تي چڙهي ويندو هو ۽ آرام سان هيٺ لهي ايندو هو.

شهر ۾ ڪيس ڏامر وارو روڊ ڏاڍو سٺو لڳو. لسو، سنئون سڌو، صاف جهڙو شيشو. رات جو جڏهن شهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا .... ۽ انهيءَ ايڏي وڏي بيلغام هجوم ۾ رڳهوءَ
کي هڪ اهڙي هستي به ملي جنهن سندس زندگيءَ
جو رخ ڦيرائي ڇڏيو.

اهو ماڻهو هڪ ڏينهن رات جو نوين وڳي عابد علي
روڊ تان سندس رڪشا ۾ چڙهيو هو. سندس هٿ ۾
به ڪتاب هئا ۽ سندس چهري تي تازگي ۽ سادگي.
جنهن نموني هن رڳهو کي سڏ ڪيو تنهن انداز ۾ ڪا
وڏائي ڪا نفرت ڪونه هئي، آواز ۾ رعب ۽ دٻدٻو
ڪونه هو. ڳالهائڻ ۾ نفاست هئس. پيارو به هن پاڻ
طئي ڪيو، جيڪو نه گهڻو هو نه گهٽ هو. هلندي
هن رڳهوءَ کان ڪو سوال به ڪونه پڇيو، نه ته ٻيا
مسافر ته رڪشا چڪڻ واري جو مٿو کائي ڇڏين، ۽
اهو ڪونه سوچين ته رڪشا چڪڻ واري وٽ ايترو
ساهه ڪونه ٿو هجي جنهن کي هو هڪ ئي وقت رڪشا
چڪڻ ۽ سندن ڳالهين جو جواب ڏيڻ لاءِ استعمال
ڪن. هو يا ته رڪشا ڏو چڪي سگهي يا ڳالهيون
ڪري سگهي. اڌ پنڌ خاموشيءَ ۾ گذري ويو. ضيائي
روڊ جي چوواٽي تي هن ڪيس چيو، ”هتان اختر روڊ
واري چاڙهيءَ تي چڙهڻو آهي“ .... چڙهائي ڏکي هئي....
رڳهوءَ جو ساهه پرجي آيو .... رڳون اڀري آيون، ۽
ڪنگهه جو دورو شروع ٿي ويو....

مسافر نرم آواز ۾ چيو ”رڪشا کي جهل.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگهوءَ وراڻيو ”نه سائين اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي....
توهان فڪر نه ڪريو .... بس اجهو نيڪ تي وينداس،
اوهان کي منزل تي پهچائيندس سائين.“

پر مسافر وري ڪجهه سختيءَ مان چيو ”رڪشا
کي روڪ.“

رگهوءَ رڪشا روڪي ورتي .... سوچيائين هاڻ اهو
مسافر به چار گاريون به ڏيندو ۽ پاڙو به ڦٻائي ويندو.
پر هن مسافر ائين ڪونه ڪيو. هو رگهوءَ سان گڏوگڏ
هلڻ لڳو، ۽ چيائين ”چڙهائيءَ تي تون خالي رڪشا
نه ڇڪي ويندين نه؟ اڳيان هلي ڪٿي آءٌ وري چڙهي
پوندس.“

رگهوءَ ٿورائتي اکين سان مسافر ڏانهن ڏٺو. سندس
سانوري چهري تي به وڏيون وڏيون روشن اکيون چمڪي
رهيون هيون جن ۾ همدرديءَ جي جوت جلي رهي
هئي. اڄ پهريون دفعو ڪنهن مسافر سندس مجبوريءَ
کي سمجهيو هو. مسافر جي انداز ۾ وقار هو، پيار
هو. انسانيت سان پيار .... مجبور ۽ بيوس لاءِ پيار....

مسافر پڇيو ”ڪنگهه ڪڏهن کان اٿئي؟“

رگهوءَ وراڻيو ”مهينو کن ٿيو آهي.“

”ڪٿي رهندو آهين؟“

”گوبندرام جي پاڙي ۾.“

”يونين جو ميمبر آهين؟“

پر اهو سوال رگهوءَ کي سمجهه ۾ نه آيو. مسافر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه پنڌ وري خاموشيءَ سان هلندو رهيو ۽ پوءِ رگهوءَ جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين ”تو جهڙا پيا به ڪيترا ئي رڪشا چڪڻ وارا هن شهر ۾ رهن ٿا، مگر توهان جا ڏک ۽ تڪليفون هڪجهڙيون آهن، ۽ انهن جو علاج به هڪجهڙو. انهيءَ ڪري رڪشا چڪڻ وارن پنهنجي هڪ يونين ٺاهي آهي، جتي هو گڏجي ويهندا آهن، پنهنجا مسئلا، ڏک ۽ تڪليفون بيان ڪندا آهن ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ گڏيل قدم کڻندا آهن.

رگهو راءِ، انهيءَ ڳالهه جو مطلب نه سمجهي سگهيو. سندس نظر ۾ سورياپيٽ وارن نوڪرن جي ٽولي گهمي ويئي، جيڪي گڏ ويهي مالڪن کي گاريون ڏيندا هئا، چرس جو دم هڻندا هئا ۽ شراب پيئندا هئا. سمجهيائين ته مسافر کيس ڪنهن اهڙي ٽولي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چئي رهيو آهي، سو پنهنجي ڪلهي تان مسافر جو هٿ پري ڪندي چيائين ”نه سائين، نه ته آءٌ ڪنهن اهڙي ٽوليءَ جو ميمبر آهيان ۽ نه ٿيڻ چاهيان ٿو.“

مسافر خاموش ٿي ويو. ڪجهه پنڌ وري اها خاموشي جاري رهي. پوءِ مسافر رگهوءَ کان ٻئي قسم جا سوال پڇڻ لڳو. سندس نالو .... ڪٿان آيو هو .... ڪوٺ جون حالتون، هاريءَ جي حالت، بيماريءَ تي ڪيترو خرچ ٿيو، مالڪ ڪيترو خرچ پريو. هو روز ڪيترو ڪمائيندو هو ۽ مالڪ کيس مزوري ڪيتري ڏيندو هو .... وغيره.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي، ساڻس گڏ هڪ ننڍڙي نينگري به هئي جيڪا
ايندي ڏسي مسافر جي ڏنگن ۾ چهٽي پيئي .... مسافر
مرڪندي رگهوءَ کي چيو "منهنجو نالو مقبول آهي،
هيءَ منهنجي زال آهي، ۽ هيءَ منهنجي ڌيءَ آمنه"....

پوءِ آمنه کي هنج ۾ کڻي چيائين "هي پنهنجو
ساٿي آهي رگهو .... هن کي سلام ڪر پٽ ۽ ساٿيءَ
جي هنج ۾ وڃ"

آمنه پنهنجون ننڍڙيون ٻانهون رگهوءَ ڏانهن کولي
ڇڏيون .... رگهوءَ اچرج وچان ٻارڙيءَ ڏانهن ڏٺو، ۽
پنهنجي من ۾ پيدا ٿيندڙ پيار جي اٿاهه سمنڊ کي محسوس
ڪندي هن آمنه کي پنهنجي هنج ۾ کڻي ورتو. ٻارڙيءَ
پنهنجي مٺڙي آواز ۾ چيو، "ساٿي، سرخ سلام"...

رگهو، هڪ غريب مزور .... انهيءَ سلوڪ تي حيران
هو .... هن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي مزورن
سان اهڙين محبت سان پيش اچن. هن حيران نگاهن سان
هن گهر جي ڀاتين جي چهرن جو جائزو ورتو .... پر
اتي کيس صرف پيار نظر آيو. همدردي، دوستي ۽ اهڙي
سادي ۽ معصوم مرڪ جيڪا رگهوءَ اج تائين ڪٿي
به نه ڏٺي هئي. انهن پيار ڀرين چهرن کي ڏسي هو اهو
اندازو ته نه لڳائي سگهيو ته سرخ سلام جو مطلب ڇا
هو، پر ايترو سو اندازو ٿيس ته اها ضرور ڪا چڱي
شيءِ هوندي سو آمنه ڏانهن نهاري ورائيائين .... "سرخ
سلام پٽ."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏون مفت پنهنجو علاج ڪرائي سگهين ٿو.
رگهو اڃان به چپ رهيو .... مقبول وري چيو
”هاڻ ايتري سيءَ ۾ تون ڪيڏانهن ويندين؟ هتي ئي سمهي پئو.“
اوچتو رگهو ڪڇيو .... ”سانئيءَ جو مطلب ڇا آهي.“
مقبول پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿندي ٿريا کي چيو
”اڄ سانئي هتي ئي سمهندو.“
ٿريا اندرئين ڪمري مان به بسترا کڻي آئي ۽ گلم تي وڇائي ڇڏيائين. مقبول ڪتابن جي ريڪ مان هڪ ڪتاب ڪڍيو ۽ رگهوءَ سان گڏ اچي ويٺو. ٻنهي پنهنجي هيٺئين ڌڙ کي سوڙن سان ڍڪيو ۽ ٽيبل ليمپ جي روشنيءَ ۾ مقبول ڪتاب کوليو. رگهوءَ بي اختيار ڪتاب جي لسن صفحن کي هٿ لڳايو ڪتاب جو ڪاغذ ڏاڍو عمدو هو. هٿ لڳائڻ سان ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ ريشمي ڪپڙو.
مقبول ڪتاب کوليو .... پهرئين صفحي تي دنيا جو نقشو ٺهيل هو. مقبول هڪ هنڌ آڱر رکندي چيو ”هي هندستان آهي، پنهنجو ديس“ .... ۽ پوءِ مٿي ڏکڻ طرف هڪ هنڌ آڱر رکي چيائين ”هي ملڪ اڄ کان ٽيهه سال اڳ پنهنجي ملڪ جيان لاچار بيوس، ڏتڙيل، ڏکويل هارين ۽ مزورن جو ملڪ هو....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياري جي رات.... سيءَ تمام گهڻو هو ۽ ٻاهر ڪاري ٻاٽ لڳي پيئي هئي مقبول جيڪو داستان رگهوءَ کي ٻڌائڻ شروع ڪيو هو سو تمام ڏکو هو، پر ان جو لفظ رگهوءَ جي زندگيءَ لاءِ اهم هو. اڳ ته هو سوچيندو هو ته هاري هميشه هاري رهندو، مزدور هميشه مزدور رهندو ۽ هاريءَ ۽ مزدور کي پنهنجي انهيءَ حيثيت کان وڌيڪ ڪجهه طلب ڪرڻ جو حق ئي نه هو. پر مقبول جي ڳالهه مان خبر پيس ته زميندار جي جنهن ڪوٽ اڳيان هن جو سر جهڪي ويو هو، هاريءَ ۽ مزور جي ايڪي ان کان گهڻا مضبوط ۽ وڏا ڪوٽ ڊاهي پٽ ڪيا هئا. مقبول قصو ٻڌائي رهيو هو. لفظ سندس دل جي گهراين مان پئي نڪتا ۽ رگهوءَ جي دل جي گهراين ۾ پيهندا پئي ويا. اتي هو ٻه موجود هئا، ڪو ٽيون وجود موجود نه هو جيڪو مقبول جي لفظن کي رگهوءَ تائين پهچڻ کان روڪي سگهي ها. سو مقبول جي دل مان نڪتل لفظ رگهوءَ جي زندگيءَ تي اثر ڪري رهيا هئا. رگهوءَ کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ اڄ تائين هن ڪجهه نه ڏٺو هو، هو انڌو هو، اڄ کيس رستو نظر اچي رهيو هو، ڄڻ هن وقت تائين هو ڪاري ٻاٽ رات ۾ راهه ڀُلجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻاهر نڪتل هئا ۽ ثريا سوڙ سان سندس پير ڍڪي رهي هئي. انهن ڪندي سندس اڳر يـون رگهوءَ جي پيرن سان لڳيون ۽ خبر نه آهي رگهوءَ جي من ۾ ڪهڙن جذبن کي جاڳائي ويون جو اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون. من جي ڪيفيت اور تي ويئي ۽ انهيءَ عالم ۾ هن ثريا کي مقبول جي سوڙ نيڪ ڪندي ڏٺو ۽ پوءِ آمنه تان سوڙ ڇڪي نموني وجهي، آمنه جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ، سمهي پيئي . لڙڪ رگهوءَ جي ڳلن تي وهي آيا پر هن انهن کي صاف نه ڪيو ڇو ته اهي لڙڪ غم جا لڙڪ نه هئا... اڄ هو پنهنجي گهر آيو هو... پنهنجن جي گهر ـــ

رگهو رات، ڪوٺڙيءَ ۾، پنهنجن خيالن ۾، مقبول ۽ سندس گهر ۾ ڪافي دير تائين موجود رهيو. اهو گهر جتان کيس روشني ملي هئي، زندگي گهارڻ لاءِ نئون پيغام مليو هو. جتي سک هو، خوشي هئي، محبت ۽ خلوص هو ۽ انسانيت لاءِ احساس هو. سندس خيالن جو تسلسل تڏهن ٽٽو جڏهن ڪوٺڙي ٻاهران ڪنهن جي هلڻ جو آواز اڀريو .... ڪو اچي رهيو هو. رگهوءَ جو ڌيان اينڌڙ ڏانهن منتقل ٿي ويو. دروازو کليو ۽ جيل جو سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻه واردن اندر لنگهي آيا. واردن کيس ٻانهن مان پڪڙي اٿاري ويهاريو. سپرنٽينڊنٽ جي هٿن ۾ هڪ ڪاغذ هو ۽ سندس هٿ ڏڪيا پئي. پوءِ هن حڪم پڙهڻ شروع ڪيو. رگهوءَ ڏٺو ته جيلر جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت ڇهري تي ٻه حڪم پڙهڻ وقت ڀڳهر جا ڦڙا ظاهر ٿي پيا هئا. سندس آواز ۾ ٻه ڪنبڻي هئي. حڪم ۾ ٻڌايو ويو هو ته موت جي سزا خلاف رگهوءَ جي اپيل نامنظور ڪئي ويئي هئي ۽ سندس سزا برقرار رکي ويئي هئي.

صبحاڻي صبح جو ستين بجي ٿوڪي ڦاسي ڏني ويندي...... اهو اعلان ڪري جيلر صاحب رومال سان پنهنجي ڇهري تان ڀڳهر صاف ڪيو ۽ قيديءَ کان پڇيائين: ٿوڪي ڪجهه چوڻو آهي؟

جواب ۾ رگهوءَ مرڪي ڏنو....

چند ساعتن لاءِ جيلر رگهوءَ کي ڏسندو رهيو. هي قيدي هن لاءِ عجيب انسان ثابت ٿيو هو. جيلر کي اها نوڪري ڪندي ٽيهه سال ٿي ويا هئا. انهيءَ عرصي ۾ هن جو واسطو هزارين قيدين سان پيو هو، چور، ڌاڙيل، قاتل، باغي، وڏا وڏا بهادر انسان، جن کي پنهنجي جي ڪا پرواه ڪونه هوندي هئي. پر اهي ٻه جڏهن ڦاسيءَ جو حڪم ٻڌندا هئا ته حڪومت کي ۽ جج کي اگهاڙيون اگهاڙيون گاريون ڏيندا هئا، رڙيون ڪندا هئا، گوڙ ڪندا هئا. ڪي وري روئندا هئا، ڪي همٿ ٻڌي ڀڳوان کان پنهنجن گناهن جي معافي وٺڻ لڳندا هئا.

۽ هي قيدي .... جيڪو ڦاسيءَ جو حڪم ٻڌي مرڪي رهيو هو. پرسڪون هو، موت جو خوف سندس ڇهري جي تاثرن ۾ موجود نه هو، سندس اکين ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو پڪي عمر جو هو تنهن چيو ”اسان کي آرڊر آهي ته توکي زنجيرن ۾ جڪڙي رکون، پر اسين توکي زنجيرون ڪونه ٿا پارايون. تون چاهين ته ڪوٺڙيءَ ۾ هلي ڦري سگهين ٿو.“

رگهوءَ چيو ”جي اوهان جي نوڪري وڃڻ جو خطرو هجي ته بيشڪ مون کي زنجيرون پارايو.“

هن پنهنجي هڪ زبان تي چيو ”نوڪريءَ جي پرواهه نه آهي“ .... رگهو چپ ....

پوڙهي وارڊن وري چيو ”توکي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت هجي ته اسان کي چئو. کاڌي پيتي جي ڪا شيءِ .... ڪابه خواهش ...

رگهوءَ سندس ٿورا مڃيا .... معنيٰ رگهو جنهن مقصد خاطر پنهنجي جان جي قرباني ڏيئي رهيو هو سو سڄايو هو. جيل جا وارڊن به پنهنجي همدردي جو اظهار ڪري رهيا هئا جن لاءِ موت ۽ زندگيءَ جو اهو کيل ڪنهن اهميت جو حامل نه هو. رگهوءَ چيئن ”مون کي صرف ايترو ٻڌايو ته هن وقت ٽائيم ڇا ٿيو آهي.“

وارڊن کيس ٻڌايو، ”اڃان ته پنج ٿيا آهن، سڄي رات اڃان پيئي آهي.“

”ها سڄي رات اڃان پيئي آهي“ .... اهو سوچي رگهو مرڪيو. وارڊن ڦڪو ٿيو .... سڄي رات .... صرف هڪ رات .... ۽ پوءِ صبح جو هڪ بيگناهه جي زندگي زوريءَ ختم ڪئي ويندي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ بيگناهہ نوجوان جي زندگي، جنهن زندگيءَ ۾ اڃان ڪجهہ نہ ڏٺو هو، ڪو سک نہ ماڻيو هو، ڪا خوشي نہ ملهائي هئي. صرف پنهنجي حقن جي حصول لاءِ جنگ جوتي هئي. تنهن جي زندگي صبح جو سج اڀرڻ سان گڏ ختم ڪئي ويندي ۽ جيلر ڪيس اها خوشخبري ٻڌائي رهيو هو تہ سندس زندگيءَ جي هڪ پوري رات اڃان باقي هئي. جي اها ساڳي ڳالهہ ڪير پوڙهي وارڊن کي چوي ها تہ سندس تاثرات ڇا هجن ها؟ ٻئي وارڊن سر جهڪائي، اداس اداس، ڪوٺڙيءَ مان ويا هليا. ڪوٺڙيءَ جو لوهي دروازو بند ٿيو، تالو لڳڻ جو آواز آيو ۽ پوءِ مات.... مڪمل خاموشي....

واردن وٽا هليا، رگهو ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو رهجي ويو. هڪ ته خاموشي ۽ مٿان وري اونده.... جيتوڻيڪ سندس اکيون هاڻ اونده ۾ ڏسڻ جون عادي ٿي چڪيون هيون. نه روشنيءَ جو ڪو ڪرڻو ٿي نظر آيو نه ڪو انساني آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيو. زندگيءَ جو مطلب آهي روشني ۽ آواز .... يعني هن رگهوءَ کي مرڻ کان اڳ ماري ڇڏيو هو. جنهن روشنيءَ جي حصول لاءِ هو وڙهيو هو، تنهن روشنيءَ کي رگهوءَ تائين پهچڻ کان روڪيو ويو هو. هو مارڻ کان اڳ به ڪانئس خوفزده هئا، مٿان روشنيءَ جي ڪرڻ کي هو ڪو پيغام ڏئي ۽ ٻاهر سندس آداس، مايوس ساٿين ۾ نئون جوش نه پکڙجي وڃي. رگهو آهستي آهستي ڪال‌ڪوٺڙيءَ ۾ هلڻ لڳو. هلڻ ڪهڙو .... بس چار وکون کڻڻ کان پوءِ ڀت تي اچيو ويئي. هر چئن وکن کان پوءِ کيس پوئتي تي مڙڻو پيو — ڪوٺڙيءَ جي ويڪر به چار فٽ هئي ۽ ڊيگهه به چار فٽ .... انهيءَ ڪري چگيءَ ريت ٽنگون ڊگهاري سمهي به نٿي سگهيو. هينئر هلڻ ۾ به کيس ڪافي تڪليف ٿي رهي هئي. ڇو ته لاڳيتو ڪيترن ڏينهن کان کيس هٿڪڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون لڳل هيون جن جي ڪري ٻانهون ۽ ٽنگون زخمي ٿي پيون هيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندي هلندي هن پنهنجي جسم جو جائزو ورتو، پنهنجي ٻانهن، ٽنگن، ڇاتيءَ کي غور سان ڏٺائين، نڪ ڪن ۽ اکين کي هٿ لڳائي ڏٺائين. هر عضوو صحيح سلامت هو، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي موجود هو، زنده هو، ساهه کڻي رهيو هو ۽ چري پري رهيو هو. پر صبحائي ساهه جي اها اچ وڃ، عضون جو چرڻ پرڻ، سندس سوچون، سندس احساس، سندس جذبا، هميشه لاءِ ختم ٿيا ويندا. هڪ غريب هاريءَ جو پٽ، بيڏوهي مارجي ويندو .... ڇاڪاڻ ته هن، دنيا جي انسان نما راڪاسن جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريو هو، سندن قبضي مان پنهنجا حق ڇڏائڻ لاءِ، پنهنجي غلام وجودن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، پنهنجي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ، پنهنجن ٻچن جي اجهي لاءِ جنگ جوٽي هئي .... ڇا دنيا جي انسانن جي انسانيت اها ئي هئي؟ آخر ڪيس ڇو ڦٽي ماريو ويو؟ موت ڪان ڪو ميهڻو ناهي. موت برحق آهي ۽ هو موت ڪان ڊنو ڪونه ٿي. ڇاڪاڻ هو، هن دنيا ۾ آيو هو .... وڏي وڏو ٿيو هو، خواب ڏٺا هئائين، سپنا ڏٺا هئائين، پريم ڪيو هئائين ۽ جاڻ هئس ته نيٺ جواني پوري ٿيندي، پوڙهو ٿيندو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن دنيا سان سندس لاڳاپو ٽٽي ويندو .... پر هي موت جيڪو سڄ اڀرڻ سان ڪيس نصيب ٿيڻو هو سو ڇالاءِ .... ڇا دنيا جا غريب هاري ۽ مزور مري به پنهنجي مرضيءَ سان نٿا سگهن؟ سندن موت ۽ زندگي به سرمائيدارن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارخاني ۾ هن انساني عقل جو مظاهرو ڏنو، پنهنجي ذهن جي تخليقي صلاحيت جو اندازو لڳايائين، پنهنجن هٿن جي ڪارڪردگي ڏٺائين جن ڪاٺ جي ٽڪرن ۽ سڙيل ڳريل ڪپڙن کي صاف شفاف ڪاغذ جو روپ ٿي ڏنو. انهن هٿن ۾ اڃي لوهه جهڙو ڌاتو ٻه پگهرجيو پاڻي ٿي ٿيو ويو ۽ ان سان هاريءَ جو هر، مزور لاءِ ڪوڏر، ٻار لاءِ رانديڪو، ۽ ڪپڙي تي گل ڦل چٽڻ لاءِ سيون ٿي ٺهيون. جڏهن هن پنهنجن هٿن جو اهو ڪمال ڏٺو تڏهن ڪيس زمين ۾ لڪيل انهن صديون جو خيال آيو جيڪي هاڻ ڪوئلي جي شڪل اختيار ڪري چڪيون هيون، انهيءَ وقت جو خيال آيو جيڪو لوهي ڌاتوءَ جي صورت ۾ سامهون موجود هو، انهيءَ حسن جو خيال آيس جيڪو ريڊيم جي صورت ۾ چمڪي رهيو هو .... ۽ جڏهن هن غور ڪيو ته خبر پيس ته سندس ۽ سندس سائين جا هٿ انهيءَ قابل هئا جيڪي زمين ۾ لڪل اهي خزانا نروار ڪري سگهيا ٿي، ۽ انساني زندگيءَ کي سهڻو ۽ محبت ڀريو بڻائي سگهيا ٿي. تڏهن هن اڳتي وڌي پنهنجي سائين جي هٿن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ورتو، ۽ دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته مرڻ گهڙيءَ تائين انهن هٿن کي نه ڇڏيندو ڇاڪاڻ ته اهي هٿ انسان جو مستقبل وڪڻندڙ نفعي‌خورن جا نه هئا، مزورن جا هٿ هئا جيڪي دنيا کي، زندگيءَ کي سهڻو بڻائي رهيا هئا.

پنهنجي جي تڪليف ڏسي ماڻهوءَ کي ڏک نه ٿئي ٿو.

ڪجهه دير جي خاموشيءَ کان پوءِ ناگيشور پڇيو "يار اهو ماسڪو ڪهڙي بلا آهي؟"

"توکي خبر نه آهي؟" رگهوءَ پڇيو.

"خبر هجي ها ته جيڪر پڇان ڇي ڪونه ها."

رگهوءَ چيو "ماسڪو هڪ شهر آهي .... هڪ نظريه حيات جي جنم ڀومي."

ناگيشور مٺو ڊڙڪندي چيو "يار رگهو اڻ پڙهيل اندو آهيان .... بيوقوف ڏنار. تون به ته مون وانگر هئين پر شهر ۾ رهي قابل ٿي ويو آهين. تنهنجون ڳالهيون منهنجي سمجهه کان مٿاهيون آهن. باقي هينئر جيڪا جنگ هلي پيئي، جنهن ۾ اسان کي زمين ملڻ جو آسرو ٿيو آهي ته انهيءَ آسري تي اسان کي زنده رهڻو آهي. پنهنجي زمين هوندي، پنهنجي محنت ۽ پنهنجو فصل هوندو، اڻو لڻو ۽ اجهو نصيب ٿي ويندو ته پيو چا گهرجي."

رگهوءَ چيو "انهيءَ اميد جو نالو ماسڪو آهي. اهو پيغام ماسڪو مان آيو آهي."

ناگيشور اهو ٻڌي چيو "جي ائين آهي ته پو پيلي منهنجي سڄي جسم تي ماسڪو روپ ڏاهي چڏين. باقي انهيءَ اميد، انهيءَ پيغام کي آءٌ نٿو ڇڏي سگهان."

رگهو راءُ ناگيشور جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي زور سان دٻايو، ۽ چيائين "جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ گڏجي پنهنجي ڳوٺ هلنداسون .... سري پورم."

رگهو جيئن سوچيو هو تيئن نہ ٿيو ، جنهن ڏينهن
هو جيل مان آزاد ٿيو ، تنهن ڏينهن ناگيشور آزاد نہ
ٿيو ، هن کي اڃان پندرهن ڏينهن جيل ۾ گذارڻا هئا.
جيل جي وڏي لوهي گيٽ مان رگهو ٻاهر نڪتو تہ
مقبول ۽ ٻيا سائي سندس آڌرڀاءَ لاءِ بيٺا هئا. رگهوءَ،
مقبول کي ٻڌايو تہ هو پنهنجي ڳوٺ وڃڻ چاهي ٿو.
اهو ٻڌي مقبول پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو، ڇو
تہ خود سندس بہ اهو خيال هو تہ رگهوءَ کي هاڻي
ڳوٺ وڃي هارين جي تحريڪ کي منظم ۽ مضبوط
ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ هارين کي نظرياتي
سکيا ڏئي جو نظرئي کان سواءِ ڪابہ تحريڪ وڏيڪ
وقت جٽاءُ نٿي ڪري سگهي. نظريو ڪنهن بہ تحريڪ
لاءِ بنياد فراهم ڪندو آهي ۽ عمل انهيءَ عمارت کي
مڪمل ڪندو آهي. ٻنهي شين مان ڪابہ هڪ نہ هئي
تہ عمارت ٺهي نہ سگهندي. مقبول رگهوءَ کي ٻڌايو تہ
هارين جي تحريڪ ڪافي قوت پڪڙي چڪي آهي
۽ نظام جي [illegible] پوليس ڪين دٻائي ۽ سندن هلچل
کي پنجو ڏيڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي، انهيءَ
ڪري هاڻي نظام جي پوليس ۽ رضاڪارن جي فوج
گڏجي جگن ناٿ ريڊيءَ جي ڳوٺن ۾ هارين کي ختم
ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺي رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگهوءَ پڇيو ”جگنناٿ هندو آهي ۽ نظام جي پوليس ۽ رضاڪارن جي فوج مسلمان ادارا آهن، پوءِ انهن ۾ ڪهڙو سنبنڌ؟؟؟“

مقبول چيو ”نفعي ۽ ظلم جو ڪنهن مذهب سان واسطو نہ آهي. ظالم ۽ منافع خور هندو هجي يا مسلمان، انهن جو مذهب اهو ئي هوندو آهي، يعني پئسو. ظالم ۽ استحصالي قوتن کي انهيءَ بنياد تي ڌار سمجهڻ بيوقوفي آهي. واڻئي سيٺ ۽ زميندار ۽ مسلمان جاگيردار جا مفاد ساڳيا آهن ۽ هئي پنهنجن مفادن کي نقصان ۾ ڏسي، هڪٻئي جي حفاظت لاءِ اڳتي وڌندا آهن .... ۽ اسان جي ديس جو تہ اهو دستور آهي تہ جڏهن رجعت پرست طبقا ۽ قوتون هارائڻ لڳنديون آهن تہ پوءِ هو فرقيواريت جو سهارو وٺنديون آهن.

روانگيءَ وقت مقبول رگهوءَ کي ڪجهہ ماڻهن جون ايڊريسون ڏنيون جن وٽ هو پنهنجي سفر دوران ترسي سگهيو ٿي. اهي ماڻهو تحريڪ ۾ اهم حيثيت رکندڙ هئا، ۽ انهن کي مقامي حالتن جي چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي. اهي ايڊريسون حفظ ڪري، مقبول ۽ ٻين ساٿين کان موڪلائي، رگهو سري پورم ڏانهن روانو ٿيو.

رگهو جيئن جيئن حيدرآباد کان پري ٿيندو ويو ۽ ڳوٺن ۾ سفر ڪندو ويو تہ سندس ڪليل ذهن ۽ روشن اکين، ڳوٺاڻن جي بدتر زندگي ۽ سماجي نا انصافيءَ جا سوين مثال ڏٺا. حيدرآباد کي ويجهو هو تہ هاري ڪم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ملٹو ھو. پر جڏھن ھو ڳوٺ ۾ پھتو تہ اتي
ڪجھ، بہ ڪونہ ھو. سڄو ڳوٺ رک ٿيو پيو ھو.
پنجاھہ سٺ، گھر ھئا ڪُبل، ڳوٺ ۾، ٿن مان جيڪي
مڪمل ڪکائان ھئا ٿن جو تہ نالو نشان بہ نہ بچيو
ھو، پر جن جون پٿيون مٽيءَ جون ۽ ڇتيون ڪکائون
ھيون، تن جون ڇتيون سڙي ويون ھيون، باقي پٿيون
بچي ويون ھيون، پر ڪاريون ٿيل، دونھاٽيل .... سدرشن
جو گھر مڪمل طور تي مٽيءَ مان ٺھيل ھو ۽ سندس
گھر ڳوٺ جي ٻين گھرن جي نسبت سٺو ھو ڇو تہ
مالي لحاظ کان ھو ڳوٺ وارن کان مضبوط ھو. رگھوءَ
ڳولي اچي سدرشن جي گھر تي پھتو. گھر جو دروازو
کليل ھو، کليل ائين جو ڪاٺ جو دروازو باھہ جي
ڪري سڙي ويو ھو. تنھنڪري رگھوءَ کي اندر وڃڻ
کان روڪڻ وارو ڪير نہ ھو. اندر اڱڻ ۾ شاھہ آبادي
پٿرن جو فرش ھو، فرش تي پاڻيءَ جو لوٽو پيل ھو
۽ اڱڻ جي وچ تي سدرشن جو لاش پيو ھو. جسم ڏار،
سسي ڏار .... سندس اکيون کليل ھيون، خبر نہ آھي
موت کان اڳ ھن ڪھڙو منظر ڏٺو ھوندو. رگھو
ذھني طور تي اھو سڀڪجھہ ڏسڻ لاءِ تيار نہ ھو. تنھن
تي ھڪدم شديد صدمي واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي
۽ ھو ڪنھن بت جيان اک ڇنڀڻ بنا سدرشن جي کليل
اکين ڏانھن نھاريندو رھيو، ڄڻ انھن اکين ۾ سندس
قاتلن جي تصوير ڳوليندو ھجي، ڄڻ ڳوٺ ۾ پيش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خبردار!! جتي آهين اتي ويهي رهه.“

۽ پوءِ دڙي تي هن هڪ عورت جو وجود ڏٺو. پڪو ڪارو رنگ، مٿي جا وار بلڪل جهڙا چاندي، چهري تي سڄي عمر جي تڪليفن، ڏکن، ڏولاون، تجربن ۽ مشاهدن جي ڪتا لکيل ... پوڙهن ڪمزور ٻنهي هٿن ۾ بندوق .... رگهو ويهي رهيو ته عورت بندوق سڌي ڪئي ۽ نشان چٽڻ لڳي. رگهوءَ کيس سڃاڻي ورتو. سو رڙ ڪري چيائين ”ڪاشما“ .... عورت پنهنجو نالو ٻڌي سمجهي ورتو ته پڪاريندڙ ڪو ساڃي آهي. بندوق هيٺ ڪري نرڙ تي هٿ رکي کيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. رگهوءَ وري رڙ ڪري چيو ”آءٌ رگهو آهيان .... رگهوراءُ، مقبول جو ساٿي.“

عورت ٻوڙندي دڙي تان هيٺ لهڻ لڳي. سندس پويان ٽي چار مرد به ٻوڙندا پئي آيا. رگهوءَ وٽ پهچي ڪاشما کيس پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ چيائين ”صفا ڪمزور ٿي ويو آهين پٽ، مون ته توکي سڃاتو ئي ڪونه.“

رگهوءَ وراڻيو ”جيل ماءُ جي هنج ته ڪونه آهي امان .... ڪمزور نه ٿيندس ته وري ٿلهو متارو ٿيندس.“

”ڪڏهن آزاد ٿئين پٽ؟“

”ٽيون ڏينهن.“

”مقبول ته خوش هو .... سڀ خير هو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاشما .... هڪ ماءُ .... سندس لهجي ۾ ممتا جو اڻ کٽ سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. سندس آواز ۾ خلوص هو، پيار هو ... سچوپچو .... رگهوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ ڦاسي پيئي هجي. هيءَ عورت سدرشن جي ماءُ هئي، جنهن جو لاش هو اڄان ڪجهه دير اڳ هڪ ريمرنگر ۾ ڏسي آيو هو. اها ماءُ رگهوءَ کان سندس خيرخوبي لهي رهي هئي. مقبول جي خبر پڇي رهي هئي .... ۽ سندس اڪيلو پٽ، سندس پوڙهپڻ جو سهارو، هارين جي حقن لاءِ وڙهندي پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويٺو هو ۽ ماءُ پنهنجي انهيءَ عظيم پٽ متعلق هڪ لفظ نه پئي ڳالهايو. نه سندس لهجي مان ڪو غم، ڪو ڏک ظاهر ٿي رهيو هو. رگهوءَ ڪوٺ ۾ ٿيندڙ واقعي جا تفصيل معلوم ڪرڻ ٿي چاهيا. پهرين سندس همت نٿي ٿي .... ڪيئن هڪ ماءُ کان سندس پٽ جي موت جو احوال وٺي. پر جڏهن ماءُ کي ڏٺائين تڏهن محسوس ڪيائين ته سندس خوف اجايو هو. ڪاشما هڪ شهيد جي ماءُ هئي .... هڪ مرد مجاهد جي ماءُ، هڪ انقلابيءَ جي ماءُ .... ۽ جيڪي ماءُرون پنهنجن جگر جي ٽڪرن کي عملي ميدان ۾ اچڻ کان نه روڪينديون آهن تن لاءِ انهن جو موت به زندگيءَ برابر هوندو آهي. هوءَ ڇو ڏک ڪري .... سدرشن ڪو مري ويو هو ڇا؟ نه، هو ته امر ٿي ويو هو. تاريخ ۾ هو سدائين زنده رهندو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ جو ساٿ نہ ڏيندي هئي ۽ ڪيس سيا جي ڳالهہ مڃڻ تي مجبور ڪندي هئي. رگهوءَ کي ڪاشما ۾ اها عورت نظر آئي جيڪا تيلگو جي هڪ چوڻيءَ ۾ موجود آهي پر حقيقت ۾ اڄ پهريون دفعو ڪيس ڏسڻ ۾ آئي. انهيءَ چوڻيءَ مطابق، مڪمل ۽ سٺي عورت اها آهي جيڪا ڪم ڪرڻ ۾ داسي هجي، صلاح ڏيڻ ۾ تاڪ هجي ۽ عاقل هجي، محبت ڪرڻ جي ميدان ۾ رمڀا هجي، وڙهڻ ۾ سپاهي هجي ۽ ماني کارائڻ ۾ ماءُ هجي.

ڪاشما ۾ اهي سڀ خوبيون موجود هيون. پر آنڌرا ۾ تہ اڄ هرهنڌ اهڙيون مائرون موجود هيون. اها ماءُ جي کير ۽ سنڌس لوليءَ جي تہ طاقت آهي جيڪا مردن ۾ عزم، همٿ ۽ بهادري ٿي پيدا ڪري ۽ کين پنهنجن حقن جي حصول لاءِ شعور ۽ عزم ٿي بخشي.

ڪاشما پڇيس ”هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي پٽ؟ هاري تہ سڀ ڀڄي جهنگلن ۾ لڪيا آهن؟“

رگهوءَ وراڻيو ”مقبول پيغام ڏنو آهي، ۽ پنهن ساٿين جي بہ صلاح آهي تہ دل نہ ڏيڻ ۽ جاگيرداري ٽيڪس نہ ڏيڻ سان ڪجهہ ڪونہ ورندو، تنهنڪري هاري سپاڻن کي سڌوسنئون قدم کڻڻ کپي ۽ جن هارين وٽ زمين نہ آهي تن ۾ زمين ورهائي ڇڏڻ گهرجي. جيڪي بي زمين آهن سي جهنگلن ۾ نہ لڪن تہ بيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا ڪن. ڪين زمين ڏيو پوءِ ڏسو ته هو جهنگ ۾ تا رهن يا پنهنجي زمين جي حفاظت تا ڪن.

ڪاشما جي پويان بيٺل هڪ ماڻهوءَ چيو ”اها صلاح بلڪل ٺيڪ آهي. زمين هارين کي ملڻ کپي پر انهيءَ سان گڏوگڏ اسان جهنگ جي رهواسين کي به ملڻ گهرجي. پوءِ جهنگ جي ماڻهن ۽ ڳوٺ جي هارين جو تعلق اڃان وڌيڪ مضبوط ٿيندو.

رگهوءَ محسوس ڪيو ته هو جهنگلي قبيلي ”ڪويا“ سان تعلق رکندڙ هو. سندس ڳالهه ٻڌي رگهوءَ چيو ”آندرا جي جهنگلن ۽ ٻيلن جي رهواسين غيرملڪي سامراج خلاف سدائين علم بغاوت بلند ڪيو آهي ۽ سندن سردار الوري سيتارام راجوءَ سامراج خلاف جيڪا جنگ جوٽي هئي تنهن کان آندرا جو ٻچو ٻچو واقف آهي. ماڻهو اڄ به چون ٿا ته سيتارام جيئرو آهي ۽ هر ونءِ ٽڻ تي سندس روح موجود آهي ۽ پنهنجي قبيلي جي بهادر مردن ۽ عورتن کي سامراج خلاف وڙهڻ لاءِ آيارپندو ٿو رهي.“

هڪ ٻئي چيو ”زمين اسان جي حوالي ڪريو، پوءِ ڏسون ته ڪير ٿو اسان کان زمين کسي، ڪير ٿو اسان کي بيدخل ڪري.“

ڪاشما ڪويا قبيلي جي ماڻهوءَ کي مخاطب ٿي چيو ”رامئل، تون وڃ ۽ جهنگ ۾ سڀني هارين ۽ مزورن کي خبر ڏي ته پاڻ سڀ ڪريمنگر هلنداسين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اتي بي زمين هارين ۾ زمين ورهائي ويندي.
راسُل، ڪاشما جي حڪم جي تعميل لاءِ ڊوڙندو ويو.
رگهوءَ چيو "امان مون کي اُڃ لڳي آهي."
ڪاشما دڙي پوريان رکيل پاڻيءَ جي گهگهي کڻي آئي. رگهوءَ گهگهيءَ جي منهن مان پاڻي پيتو ۽ پوءِ چيائين "تون اهو ڪم ڪري ونديئين نه امان، يا آءٌ تنهنجي مدد لاءِ ترسي پوان."
ڪاشما وراڻيو "نه پٽ .... وقت تمام گهٽ آهي ۽ ڪم گهڻو آهي. تون بيشڪ اڳتي روانو ٿي، هتي جو ڪم آءٌ سنڀالي وٺنديس."
۽ جڏهن رگهو ڪاشما کان موڪلائي اڳتي روانو ٿيو ته هن ڏٺو ڪاشما، دڙي جي گهاٽيءَ ۾ ويٺي هن ڏانهن عجيب نظرن سان نهاري رهي هئي. پر رگهوءَ انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏنو، ۽ اڳتي روانو ٿيو، پر اوچتو ڪاشما جو سڏ پڌي هو بيهي رهيو. پوءِ تي نهاريائين .... ڪاشما ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو، سندس چپ ٿڙڪي رهيا هئا. نيٺ هن نهايت آهستڙي پڇيو "پٽ، ڇا سدرشن جون اکيون اڃان به کليل هيون؟"
رگهوءَ جو دماغ گهمي ويو. جنهن ڳالهه کان هن لنوائڻ پئي چاهيو، سا ظاهر ٿي پيئي. سندس ذهن جي پردي تي واقعن جي ڄڻ ته فلم هلڻ لڳي. سڙيل ڪاريون ديوارون، شاهه آبادي پٿرن جو فرش، فرش تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ لاش، سر ڌار، ڌڙ ڌار، بي نور اکيون خلا ۾ گهوريندڙ .... هو ڪو جواب نه ڏيئي سگهيو. سندس ڪنڌ جهڪي ويو .... ڪاشما ڪجهه دير آسمان ۾ نهاريندي رهي، پوءِ سندس سِر، گودن تي جهڪندو ويو، ۽ سندس اکين مان ڳوڙهن جون قطارون وهي هليون.

اوڏيءَ مهل رگهوءَ جي من ۾ آيو ته .... .... پر نه .... حقن جي جنگ ۾ جذبن ۽ احساسن کي سمهاري ڇڏڻو پوندو آهي. ڪاشما جو ڏک اڪيلي هڪ ماءُ جو ڏک نه هو، ڪيترين مائرن جي جگر جا ٽڪرا ڪسجي ويا هوندا. هو ڪنهن ڪنهن جو ڏک ونڊائي ها. انهن جي ڏک جو علاج ڪين سندن حقن جو ماڻ هو .... ۽ اهو سوچي هو ڪاشما کي سندس حال تي ڇڏي، پنهنجي سفر تي روانو ٿي ويو. اُئين نه هو ته ڪو هو ڪٺور دل هو ۽ اهڙي موقعي تي ٻه لڙڪ نٿي وهائي سگهيو يا ڪيس سدرشن سان پيار نه هو. پر هن جي دل ۽ دماغ ۾ اهو ئي خيال هو ته انسان جي ترقيءَ جو رستو، ڏاڍو اڙانگو آهي، انهيءَ رستي تي هڪ قدم به اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪيتريون قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون، ڪيترا عذاب برداشت ڪرڻا پون ٿا، ڪيترين جوان ڀينرن جا جوڙا پاڻُر، ڪيترين بيواهن جا سهارا، ڪيترن معذورن جي سارسنڀال لهڻ وارا، ڪين بي يار ۽ مددگار ڇڏيو وڃن ٿا، صرف هڪ روشن ۽ نئين صبح لاءِ، روشنيءَ جي انهن ڪرڻن جي اميد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪاريل هارين کي خوشي، اعتماد ۽ فتح جي جذبن ۽ احساسن سان سرشار ٿيندي ڏٺو. سڙيل جهوپڙا وري آباد ٿيڻ لڳا، فتح جا جشن ملهايا ويا، هارين پرجوش جذبي سان پنهنجين زمينن ۾ هر هلائڻ شروع ڪيا، منجهن اهڙي خوداعتمادي پيدا ٿي وئي جو زميندار ۽ جاگيردار ڪنبڻ ڏڄڻ لڳا. جيڪي ڪلهه اڃان حاڪم هئا، ظالم هئا ۽ جابر هئا، جن صدين کان هارين کي غلام بڻائي رکيو هو سي ميدان ڇڏي ڀڄي ويا، ۽ وڃي شهرن ۾ لڪيا.

انهيءَ ڳوٺ جي ماڻهن هارين جو هڪ جٿو رگهوراءِ جي حوالي ڪيو جيڪو ٻئي ڳوٺ ۾ زمين جي ورهاست ۾ سندس مدد ڪرائيندو، پوءِ رگهوراءِ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، ٻئي کان ٽئين ڳوٺ ۾ خوشيون ورهائيندو ويو، هارين جون دعائون ڪمائيندو ويو ۽ هر ڳوٺ مان هارين جا جٿا ساڻس گڏ ٿيندا ويا. هارين وٽ ڪهاڙيون هيون، ڀالا ۽ ڪوڏرون هيون، ڪربيون ۽ رنبا هئا.... سندن دلين ۾ اعتماد هو، سندن انداز ۾ جوش هو.... سندن چهرا خوشيءَ سان ٻهڪي رهيا هئا، سندن ڳاٽ اوچو هو، سندن ڪنڌ مان صدين جي غلاميءَ جو ڳٽ نڪتو هو، اڄ هو آزاد هئا، زمين سندن ملڪيت هئي، هو پاڻ ۽ سندن ٻار ٻچا شاد ۽ ڪامران هئا. رگهوراءِ انسانن جي هڪ اڻکٽ سمنڊ جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. هر طرف آزاديءَ ۽ خوشيءَ جا گيت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي ها.... هن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ماڻي ورتو هو. هاڻ زنده نه به رهيو ته ڇا ٿيو.... ۽ هو اداس ٿي به ڇو، ڪو هو ڏوهاري ته ڪونه هو، هو پنهنجن ڏتڙيل ڀائرن جي حقن لاءِ وڙهيو هو. سندس ڪُل زندگيءَ ڀر اوچو رهيو هو، اهو آخري دم تائين اوچو ئي رهندو.... سرخرو ئي رهندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳھوءَ پنھنجي حياتيءَ ۾ اھڙو منظر اڳ ڪڏھن نہ ڏٺو ھو. بيلم‌پوري ڳوٺ کان سري‌پورم تائين انسانن جون ڇوليون ھلنديون سمنڊ .... سڀني کان اڳيان ڪويا قبيلي جا ماڻھو ھئا، انھن کان پوءِ ڌنارن جون صفون ھيون، تھان پوءِ ھاري ۽ زمين جا مزور ھئا. ڪن جي ھٿن ۾ جھنڊا ھئا، ڪي دھل وڄائي رھيا ھئا، ڪي شرنايون وڄائي رھيا ھئا، ڪن جي ھٿن ۾ تورارا ھئا. انھن سازن وارن کان پويان وري ڇھن ماڻھن جي ڪلھن تي ھڪ پالڪي ھئي. رنگين، جنھن تي نقش‌نگار چٽيل ھئا، ۽ جنھن جي ٻنھي پاسن ريشمي پردا جھولي رھيا ھئا. ان پالڪيءَ ۾ ڪاغذن جا فائيل ھئا. اھي ڪاغذ جن تي زمين جي مالڪيءَ جا حق دان ڪيل ھئا. جن تي غلامن جي آزاديءَ جو پيغام لکيل ھو، جن تي ونين جون عزتون ۽ عصمتون محفوظ ڪيون ويون ھيون .... ۽ اھي دفتر، صدين جي غلام ھارين، پنھنجن مالڪن جي ڪنبندڙ ھٿن مان کسيا ھئا ۽ ڪيترن ھنڌن تي تہ ڪين ايتري تڪليف بہ نہ ڪرڻي پيئي ھئي. ھارين جو اجتماع، سندن ايڪو ۽ ٻڌي ڏسي زميندار بنا ڪجھہ چوڻ جي پنھنجا ڪوٽ خالي ڪري ڀڄي ويا ھئا ۽ پنھنجي زمينن جا ڪاغذ بہ ڇڏي ويا ھئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجون وري ڪيئن؟ غضب ڪيل، قبايل، زوريءَ قبضو ڪيل زمينون.

ان پالڪيءَ پويان هڪ ٻي کليل پالڪيءَ ۾ رگھو راءُ هو. هن ڪيترو ضد ڪيو هو پيادو هارين سان گڏ هلڻ لاءِ، پر خوشيءَ ۾ مست هارين سندس هڪ نہ ٻڌي.... رگھو سندن محسن هو، رگھوءَ هنن لاءِ آزاديءَ جو، زندگيءَ جو سنيهو آندو هو، هو هنن لاءِ ديوتا سمان هو، هنن زوريءَ کيس انهيءَ پالڪيءَ ۾ سوار ڪرايو هو، ۽ هاڻ کيس پنهنجن ڪلهن تي کنيو ڊوڙندا اڳتي وڌي رهيا هئا. رگھوءَ جي پالڪيءَ پويان ناگيشور جي پالڪي هئي، جيڪو جيل مان آزاد ٿي رستي ۾ ئي اچي هن جشن ۾ شريڪ ٿيو هو.

۽ انهن پالڪين پويان وري پيادا هاري هئا، جيڪي نچي رهيا هئا، گيت ڳائي رهيا هئا، جھمريون پائي رهيا هئا، ڇا ننڍا، ڇا وڏا، ڇا مرد ڇا عورتون.... ڇا سڄا سارا ۽ ڇا معذور.... سڀ انهيءَ جلوس ۾ شريڪ هئا. اڄ ڪنهن جي گھر تي تالو لڳل نہ هو، اڄ ڪو ڏوهاري نہ هو، اڄ ڪو بکيو اڃيو اگھاڙو نہ هو. اڄ هرڪو پنهنجي زمين وارو هو. ڪير چو چوري ڪري، ڪير چو ڏاڙو هڻي جي کيس رهڻ لاءِ گھر، کائڻ لاءِ ماني، پائڻ لاءِ ڪپڙو ميسر هجي.... ۽ اهو اڄ ٿي چڪو هو.

ڪو ڦرنايون وڄائيندو، پر هيئر اهو منظر ڏسي هن سمجهيو ته هن جيڪي ڪجهه سوچيو هو سو سندس بيوقوفي هئي. هندستان ۾ انقلاب به هندستان جي ريتن رسمن مطابق ايندو. ديس جي تهذيب، ثقافت، گيتن ۽ خوشبوءِ ۾ هل مل ٿي ايندو انهيءَ انقلاب جي شبيهه ديسي هوندي، پرديسي نه، اهو انقلاب هندستان جا ماڻهو آڻيندا ۽ انهيءَ جي گفتگو، تحرير ۽ تقرير هندستاني ٻولين ۾ هوندي، اهو انقلاب اسان جو انقلاب هوندو، اسان جو پنهنجو انقلاب....

رگهو انهن سوچن ۾ هو ته ڳوٺ جي سڀ کان وڏي عمر واري شخص نارائڻ، ٽپيدار جا دفتري فائيل رگهوءَ جي حوالي ڪيا ۽ چيائين ”زمين ورهاءِ پٽ، دير نه ڪر...“

رگهوءَ ڪاغذ هٿ ۾ کڻي چيو ”انهيءَ موقعي تي ڳوٺ جي ٽپيدار کي هتي موجود هجڻ کپندو هو. ڪٿي آهي شري شرما پنڊتلو....“

انهيءَ تي هاري کليا. ڪنهن چيو ”هو نه زميندار جو ٽپيدار هو، ڪو اسان غريبن جو ڪونه هو جيڪو هتي موجود رهي. ان به زميندار سان گڏ ئي ڳوٺ ڇڏي ڏنو هو.“

”۽ ڳوٺ جو پنڊت؟ ان جي دعائن جي به اسان کي ضرورت پوندي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ تي وري هڪ ٽهڪ بلند ٿيو. ناگيشور چيو ”پروهت پنڊت سڀ زميندارن ۽ جاگيردارن جا چمچا هوندا آهن، هو اسان جي خوشين ۾ ڪٿي ٿا خوش ٿين.“

پوءِ هڪ ٻئي وقت ڪيترن هارين بي‌صبريءَ سان چيو ”جلدي ڪر رگهو .... زمين جي معاملي ۾ اسين ڪنهن پنڊت پروهت جو انتظار نٿا ڪري سگهون. زمين لاءِ اسان صدين کان قربانيون ڏنيون آهن ۽ انتظار ڪيو آهي. هاڻ وڌيڪ انتظار ڪرڻ جي سگهه ڪونه آهي.“

تڏهن رگهوءَ چيو ”ته پوءِ وڄايو دهل ۽ شرنايون، ڳايو گيت خوشين جا، ۽ هلو ٻنين ۾ .... اڄ کان پوءِ سري پورم جا هاري پنهنجي زمين وارا ٿي ويندا.“

رگهوءَ جي وک وڌائڻ سان پير تي ڏونڪو لڳو. دهلارين، دهل وڄائڻ شروع ڪيا، ۽ هارين جهمريون پائڻ شروع ڪيون .... چڻ ته چريا ٿي پيا هجن. ڳوٺ جا بزرگ مُرڪندڙ نگاهن سان پنهنجن جوانن جي خوشيءَ کي ڏسي رهيا هئا. سندن اکين ۾ ڳوڙها هئا، خوشيءَ جا ڳوڙها .... جنهن ڌرتي ماتا جي هنن سڄي عمر سيوا ڪئي هئي، سا نيٺ هاڻ سندن ملڪيت بڻجي رهي. اهڙي خوشي ته هنن اڳ ڪڏهن نه پڏي هئي نه ڏٺي هئي. دهل جي تال تي هاري نچي رهيا هئا ۽ نوجوان ڇوڪرين گيت ڳائڻ شروع ڪيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بزدلي ۽ ڪمزوري،
آنڌرا جا پٽ نہ ڇاڻن،
اڄ اسان جي قوم جو امتحان آهي،
آئو، ۾ شامل ٿيو،
هو ڏسو سامهون فتح جو جلوس وڃي رهيو آهي.

جلوس جا شريڪ، نچندا ٽپندا، فصلن جي وچ ۾ وڃي پهتا. چئني طرفن ساوڪ ڏي ساوڪ جو راڄ هو. ٽانڊري منڙي هير گهلي رهي هئي. آسمان ۾ سج روشن هو، ۽ انهيءَ وايومنڊل ۾ رگهوءَ زمين جي ورهاست شروع ڪئي. چئن ڏينهن تائين اهو ڪم ٿيندو رهيو. زمين ورهائڻ ڪو سولو ڪم نہ هو .... علائقي جي سمورن هارين، مزورن ۽ ٻين حقدارن کي مطمئن ڪرڻ ڪو ڇرچو تہ نہ هو. ڪو علائقو زرخيز هو، تہ ڪٿي وري زمين ٿوري ڪسي هئي، ڪٿي پاڻي سٺو هو تہ ڪٿي گهٽ هو. هر ماڻهوءَ جي اها ڏي خواهش هئي تہ کيس سٺو ٽڪر ملي. انهيءَ ڪري ڪي تلخيون بہ پيدا ٿيون، ڪي هاري پاڻ ۾ ٽڪا مٺا بہ ٿيا، ننڍا ننڍا اعتراض بہ ٿيا، پر ڳوٺ جي بزرگن ۽ پنچن جي مدد سان هر معاملو، هر مسئلو، هر اعتراض نبري ويو. هرڪو خوش ٿيو، ڪنهن کي بہ ڪو اعتراض ڪونہ رهيو.

اهي چار ڏينهن، رگهوءَ جي زندگيءَ جا اهم ترين ڏينهن هئا. ڪٿي هو هڪ غلام هاريءَ جو پٽ هو، جنهن کي پيءُ اها ڏي تربيت ڏني هئي تہ ڪنڌ جهڪيل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي، ۽ ڪٿي اڄ هو انهيءَ قابل ٿيو هو جو پنهنجي ڳوٺ جي زمين هارين ۾ ورهائي رهيو هو. رگهوءَ کي اهي ڏينهن اڄ به ياد هئا .... ۽ پنهنجي پيءُ گهنشام جون حرڪتون به کيس ياد هيون. هن سوچي ورتو هو ته هو پنهنجي لاءِ زمين آخر ۾ منتخب ڪندو.... جڏهن ٻيا سڀ مطمئن ۽ خوش ٿي چڪا هوندا. پر گهنشام رکي رکي سندس سامهون پئي آيو ۽ کيس زمين لاءِ پئي چيائين .... پر رگهو سندس درخواستن تي ڪو ڌيان نه ڏئي رهيو هو. انهيءَ تي گهنشام ٻين وٽ رگهوءَ جي گلا ڪري رهيو هو ته سندس پٽ کيس زمين نه ڏيئي رهيو هو. رگهو اهي ڳالهيون به ٻڌي رهيو هو، پر خاموش رهيو. هارين کيس ڪيترو ئي چيو ته هو پنهنجي لاءِ سڀ کان اڳ زمين منتخب ڪري ۽ سٺي ۾ سٺي زمين پنهنجي لاءِ رکي .... پر رگهوءَ ائين نه ڪيو. ايترو وڏو منصب، ايترو وڏو اعزاز ملڻ کان پوءِ رگهوءَ اهو مناسب نٿي سمجهيو ته ٻين کي سندن حق ڏيڻ کان اڳ پنهنجو حق حاصل ڪري. فيصلو ڪرڻ واري جي حيثيت ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. سڀني کي سندن جائز حق ڏيڻ سندس فرض هوندو آهي ڪنهن سان به ڪا ناانصافي ٿي ته انهيءَ جو ڏوهه مٿس ايندو .... ۽ رگهوءَ نٿي چاهيو ته مٿس ناانصافيءَ جو الزام لڳي. پوءِ جڏهن سڀني هارين کي زمين ملي ويئي ۽ جڏهن گهنشام بنهه نا اميد ٿي ويو، تڏهن ڳوٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جوانن، ٻزرگن ۽ ٻچن، رگهوءَ جي سخت احتجاج، زبردست اعتراض جي باوجود زمين جو تمام وڏو، زرخيز ٽڪرو گهنشام جي حوالي ڪيو. گهنشام زمين جا ڪاغذ هٿن ۾ پڪڙي پنهنجي نالي ٿيل زمين تي پهتو ۽ زمين جي مٽي مٺين ۾ ڀري فضا ۾ اڇلڻ لڳو. گڏ گڏ هو رڙيون به ڪري رهيو هو .... هيءَ زمين منهنجي آهي، هيءَ زمين منهنجي آهي ....

پوءِ ٻوڙندو آيو ۽ رگهوءَ کي چنبڙي، ڀاڪر پائي روئڻ لڳو. خوشيءَ جي انتها لڙڪ ڏي ته ٿين ٿا .... ۽ ٻي زمين هاريءَ کي زمين جي مالڪيءَ جا اختيار ملي وڃڻ هن لاءِ زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوشي ته آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هارين کي زمين ملي ويئي، بي زمين هارين کي زمين ملي تہ سندن خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي. ڌرتي ماءُ سان هارين کي عشق رهي ٿو. پريمي جڏهن محبوب کي ملندو آهي تہ هن کي دنيا جي ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت نہ رهندي آهي. اڄ هارين کي سندن پريمڪا ملي هئي. سيئي تمام گهڻو خوش هئا. اڄ هو بہ زميندار هئا. هاڻ هو ڪنهن جا غلام نہ هئا. اڄ هو پنهنجي اتي لٺي ۽ اجهي وارا هئا. اڄ هنن جو ڳاٽ اوچو هو .... نندا ۽ وڏا خوشيءَ جا جشن ملهائي رهيا هئا، پر غريبن، هارين جي خوشيءَ ۾ ڪير ٿو خوش ٿئي. جگن‌ناٿ ريڊي جنهن جي حڪومت چاليھہ ڳوٺن جي ڪل زمين تي هئي، تنهن کان سواءِ زمين جو هڪ هڪ انچ کسجي ويو هو، سو ڀلا اهو ڪيئن برداشت ڪري ها. جڏهن تہ حڪومت طرفان بہ کين هر قسم جي سهوليت مليل هجي. جگن‌ناٿ، حويلي خالي ڪري شهر ڀڄي ويو هو. پر شهر ۾ وڃي هو خاموش ڪونہ ويٺو، هن حڪومت جا دروازا وڃي کڙڪايا ۽ انصاف طلب ڪيائين .... پنهنجو حق گهريائين. هو زمينن جو مالڪ هو، زميندار هو، جاگيردار هو ۽ سندس زمين تي هارين قبضو ڪري ورتو هو. هاري، جيڪي صدين کان هاري هئا، غلام هئا، ڇائيچمندي هاري هئا، ۽ جگن‌ناٿ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جاهل هارين پنهنجي اڻچاڻائيءَ ۾ تاريخ جي وهڪري کي تبديل ڪرڻ جو سعيو ڪيو هو. صدين کان قائم ۽ جاري و ساري نظام کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. تاريخ سان هٿ چراند ڪرڻ ته تمام وڏو ڏوهه آهي .... ۽ رگهو سڀ کان وڏو ڏوهاري هو. بغاوت جو اهو ٻج ڇٽڻ وارو ۽ انهيءَ بغاوت جي اڳواڻي ڪرڻ وارو رگهو ئي ته هو. هيءَ دنيا، ۽ هن دنيا ۾ حڪومت ڪرڻ جو حق صرف جاگيردارن ۽ زميندارن کي آهي. رگهو اها ڳالهه وساري ويٺو هو. هن ڪوشش ڪئي هئي ته هارين ۽ ڪمين کي به جيئڻ جو حق ملڻ گهرجي، غلاميءَ جي زندگي ته زندگي ڪونه آهي نه .... رگهوءَ هڪ خواب ڏٺو هو جنهن ۾ هارين ۽ مزورن کي به جيئڻ جا اهڙا ئي حق حاصل هئا جيڪي سماج جي مٿاهين طبقي کي حاصل هئا، هن هڪ اهڙو سماج قائم ڪرڻ لاءِ وک وڌائي هئي جنهن ۾ هر انسان جي عزت محفوظ هجي، جنهن ۾ انسان، انسان تي حڪومت نه ڪري ، انسان انسان جي غلامي نه ڪري ، هڪ انسان ٻئي کي ڪتو نه سمجهي. پوءِ ڀلا رگهوءَ کي ڪيئن معاف ڪجي ها، رگهوءَ کي ڪيئن آزاد ڇڏجي ها. جگرناٿ ريڊيءَ جو وڏي ۾ وڏو دشمن ته رگهو هو .... هارين کي انهيءَ گس لائڻ وارو ته رگهو هو، نه ته هو ويچارا صدين کان سر جهڪايو زندگي گذاريندا آيا هئا.

رگهوءَ کي هتڪڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون هئي جيل جي مضبوط ديوارن پويان پهچايو ويو.

اها هئي رگهوءَ جي ڪهاڻي .... هڪ ڪميءَ جو پٽ، جنهن آزاديءَ جو خواب ڏٺو هو، جنهن غلاميءَ جو ڳٽ لاهي ڦٽو ڪرڻ چاهيو هو .... جنهن ڏتڙيل ۽ ڌڪاريل انسانن کي سندن جائز مقام ڏيارڻ چاهيو هو. تنهن جي جدوجهد اڳيان هتڪڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون ٻارائي بند ڪيو ويو .... ڪيس پنهنجن پيارن کان ڌار ڪيو ويو، دور ڪيو ويو .... هاري وري غلام ٿي ويا. جگيردار وري حاڪم ٿي ويو. تاريخ وري پنهنجي طئي ٿيل رستي تي هلڻ لڳي.

۽ هن وقت ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪندي ڪندي، رگهو ٿڪجي پيو. سندس اکيون جلڻ لڳيون. هن زور سان ڪٿي پنهنجون اکيون بند ڪيون، اهي اکيون جن جاڳندي خواب ڏٺا هئا .... ڏينهن ڏٺي جي روشنيءَ ۾ خواب ڏٺا هئا .... ۽ صبحائي، سج اڀرڻ سان، نئين ڏينهن جي روشني پکڙجڻ سان رگهوءَ جي انهن اکين کي هميشه لاءِ بند ٿي وڃڻو هو. هوڏانهن ڌرتيءَ تي سج جا ڪرڻا زندگيءَ جو پيغام پهچائيندا، هيڏانهن رگهوءَ جي زندگيءَ جي لاٽ کي وسايو ويندو.

پر اڃان صبح ٿيڻ ۾ ڪافي دير هئي....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتين جهڙا لڙڪ چمڪي رهيا هئا.

گهنشام، ڪنهن بيمار انسان جيان آهستي آهستي وکون کڻندو پٽ ڏانهن وڌيو .... سندس ويجهو اچي بيهي رهيو.

رگهو پيءُ ڏانهن ڏسي نه سگهيو. پنهنجو منهن ڦيري چيائين، "ويهه بابا."

ٻئي پيءُ پٽ ڪال ڪوٺڙيءَ جي ٿڌي فرش تي ويهي رهيا. ٻئي خاموش هئا .... گهنشام جا چپ ٿڙڪي رهيا هئا، هٿ ڏڪي رهيا هئا، اکيون روئي رهيون هيون .... شايد هو رگهوءَ سان ڳالهائڻ چاهيو ٿي .... ڪيس گهڻو ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر هو ڳالهائي نه پئي سگهيو .... اکر اکليس ڏي نٿي. پيءُ جي اها حالت ڏسي رگهوءَ جي دل به پرجي آئي. پنهنجو پاڻ کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ هن کي سخت محنت ڪرڻي پيئي. رگهوءَ چاتو ٿي ته جي هو پاڻ روئي پيو ته گهنشام جي ڏک جي سمنڊ جي بيتاب ڇولين اڳيان جيڪو بند ٻڌل هو سو لڙهي ويندو ۽ پوءِ پوڙهي کي ڪير سنڀالي نه سگهندو. دل ڏاڍي ڪري، لهجي کي هر قسم جي جذبن کان خالي ڪري چيائين "ڳوٺ جو ڪهڙو حال آهي؟"

"ڳوٺ ۾ هاڻ ڇا رهيو آهي پٽ .... جيڪي به جوان هئا سي سڀ فوج ۽ پوليس ٻڌي ويئي. جيڪي گرفتار ٿيڻ کان بچي ويا سي جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪيا آهن .... ۽ اتي به پوليس جي ڪچهري ۾ آهن.
اڪثر ڪري جهنگ واري پاسي کان گولين هلڻ جو
آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ پوڙهي پولما چوندي آهي.
اڇهو .... هڪڙو ٻيو به ويو .... ۽ پوءِ ٿهڪ ڏيندي آهي."

"ڇو، ڇا امان پولما چري ٿي پيئي آهي؟"
رگهوءَ پڇيو.

"ها .... ڳوٺ ۾ واقعا ئي اهڙا ٿيا آهن جو هرڪنهن
جي برداشت ڪرڻ جهڙا ڪونه آهن. ايڏو خون وهايو
ويو آهي. ايترا ته ڪونڌر مارائا آهن، سپاهين ايڏيءَ
ته بيدرديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي جو وحشي حيوان
به پوئتي رهجي ويا آهن. اهڙي حال ۾ صرف هڪ
پولما چري ٿي آهي ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي."

"۽ جڳن ناٿ؟"

"زميندار پنهنجي حويليءَ مان ٻاهر ئي ڪونه ٿو
نڪري .... سندس حويليءَ تي چئني طرفن کان پوليس
جي چوڪي آهي، هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ وڃڻ تي
ڳوٺاڻن جي تلاشي ورتي ويندي آهي."

وري جهڙوڪر ٻنهي جي ٻولي ڪٽي پيئي. ڪجهه
دير ٻيئي بلڪل چپ ويٺا رهيا. پوءِ وري گهنشام
ڏڪندڙ آواز ۾ آهستڙي پڇيو....

"ڳوٺ وارا چون ٿا ته اپيل نامنظور ٿي ويئي آهي."

"ها .... سرڪار منهنجي سزا بحال رکي آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”رنگدو ڏوبيءَ پٺيان چيو ته جگن ناٿ ڪيس چيو هو ته جي رگهو معافي وٺي ها ته ڪيس ايتري سخت سزا نه ملي ها.“

”معافي؟ ڇا جي معافي؟“ رگهوءَ ڪاوڙ مان چيو.

”آءٌ ته ڪونه ٿو چوان پٽ .... رنگدوءَ پٺيان چيو.“

”۽ تنهنجو ڇا خيال آهي بابا....“

”آءٌ ڇا چوان پٽ .... ڪڏهن سوچيان ٿو ته تو جيڪي ڪجهه ڪيو سو صحيح هو .... ۽ ڪڏهن خيال ٿو اچيم ته دين دنيا ۾ تون منهنجو هڪ ئي ته پٽ آهين، آءٌ هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهيان پٽ .... آءٌ هاڻ بنا لٺ جي ته هلي به نٿو سگهان.“

رگهوءَ پيءُ جي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکيو ۽ چيائين ”انهيءَ اوچي حويليءَ لاءِ منهنجي دل ۾ تو نفرت پيدا ڪئي هئي بابا .... ڇا اڄ تون پنهنجي اها امانت واپس وٺي آيو آهين؟؟“

”نه پٽ نه .... تو جيڪي ڪيو سو سٺو ڪيئي. پر ڏس آءٌ هڪ اڻ پڙهيل، ڇٽ هاري آهيان. مون وٽ دولت گڏ ٿيل نه آهي، سموري زندگي جيڪي ڪمايم سو کاڌم. هاڻ جڏهن آءٌ ڪمائڻ جهڙو نه رهيو آهيان ته مون کي ڪير کارائيندو .... ۽ اهو خيال ايندو آهي ته سوچيندو آهيان ڇو منهنجو پٽ مون کان کسيو ويو آهي .... اهو جيڪو جيڪر ٻڍاپي ۾ منهنجي لٺ بڻجي ها، ۽ جڏهن جهنگ مان گوليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو

راڪاس برداشت نہ ڪيو ۽ زوريءَ سندس زندگي ختم ڪئي پيئي وڃي. منهنجو پيو ڪوبہ ڏوهہ، ڪوبہ گناهہ نہ آهي بابا ....“

”گهنشام روئڻ لڳو.“

رگهوءَ چيو ”جي تون روئندين بابا تہ دنيا وارا ڇا چوندا؟ ڳوٺ وارا ڇا چوندا .... حويليءَ وارا تنهنجو ڏک ۽ بيوسي ڏسي ڪڏهن نہ خوش ٿيندا.“

گهنشام گوڏ جي ڪنڊ سان پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا.

رگهو کيس سمجهائڻ لڳو. ”تنهنجي پٽ ڪنهن کي قتل نہ ڪيو آهي، ڪنهن جو آرام ۽ سک نہ ڦٽايو آهي. توکي ڪير ڪڏهن اهين نہ چوندو تہ تنهنجي پٽ مون کي هي ڏک ڏنو .... تنهنجي پٽ غريبن جي چپن تي مرڪ ۽ سندن زندگيءَ ۾ خوشيون پرڻ لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو سودو ڪيو آهي. توکي تہ ڳاٽ اوچو رکڻ گهرجي ۽ خوش ٿيڻ گهرجي.“

اهڙي محبت سان هن اڄ ڪڏهن پنهنجي پيءُ سان نہ ڳالهايو هو. اهين تي پاسيو ڇڻ هن پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ موجود سمورا خواب، خيال ۽ سوچون، پوڙهي پيءُ جي حوالي ڪرڻ تي گهريون. هو ڇا هو. هن ڇا سوچيو هو، ڇا ڪرڻ ٿي چاهيائين. هن جو پنهنجو ضمير تہ مطمئن هو. پر هن پنهنجي سادي سپاجهڙي پيءُ جي ضمير کي بہ مطمئن ٿي ڪرڻ چاهيائين. جيئن هو ڪو ڏک نہ ڪري، غم نہ ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ روشني ٿيندي. نه ته اها اوگھڙ، اها بک، اها بيوسي، اها غلامي سدائين اسان جو مقدر رهندي.

بيٺي پيءُ پٽ ائين گفتگو ڪري رهيا هئا جڏهن هو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ نه پنهنجي گهر ۾ ويٺا هئا. گهنشام جا لڙڪ سڪي ويا هئا. سندس اکين ۾ روشنيءَ جي چمڪ هئي. هو هاڻ سمجهي رهيو هو ته سندس پٽ ڪيڏي عظيم مقصد خاطر پنهنجي جان ڏيئي رهيو هو. هاڻ ڪيس ڏک نه هو .... فخر هو.

اوچتو دروازو وري کليو. پوڙهو واربن معذرتي انداز ۾ چئي رهيو هو "هاڻي منهنجي ڊيوٽي ختم ٿيڻ واري آهي انهيءَ ڪري گهنشام کي واپس ٽيٺو پوندو. نئين واربن ڏسي ورتو ته ڳالهه خراب ٿي پوندي، هو وڏو ظالم آهي."

گهنشام اٿي بيٺو. رگهوءَ اٿي پيءُ سان ڀاڪر پائي مليو. گهنشام چيو "آءٌ صبحاڻي موٽي ايندس. هينئر ڪوٽ تو وٽان."

رگهوءَ چيو "ڪوٽ وٺي ڇا ڪندين بابا، اتي ڏي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پئي رهه."

گهنشام وراڻيو "نه منهنجا پٽ، اڄوڪي رات مون کي سفر ۾ رهڻ گهرجي. هلندو ٿي رهڻ گهرجي. جي سمهي رهيس ته...."

۽ هو جملو پورو ڪرڻ بنا، تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو ڪالڪوٺڙيءَ مان نڪري ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهنشام جڏهن ڳوٺ ۾ پهتو ته هر طرف ماٺ جو راڄ هو. سڀ ماڻهو ستا پيا هئا. صرف پولما جي جهڳيءَ مان ڏيئي جي جهڪي جهڪي روشني ڇڻي ڇڻي ٻاهر اچي رهي هئي. گهنشام پڻ تي هلندو پولما جي جهڳيءَ ۾ داخل ٿيو ته اهو ڏسي ڪيس عجب ٿيو ته ڇري پولما اجان جاڳي رهي هئي، ۽ سندس اکين ۾ بيچينيءَ جا آثار هئا. گهنشام کي ڏسي هوءَ ڪٽ تان لهي سندس اڳيان اچي بيٺي ۽ پڇڻ لڳي "ڪيئن آهي منهنجو پٽ؟"

"ٺيڪ آهي. تو لاءِ پيرن هٿ موڪليا اٿس."

"جيئي شال .... شل حياتي وڏي ماڻي." پولما جي زبان مان دعا نڪتي. پوءِ وري چپ ٿي ويئي، ڪجهه دير خاموش رهي ڪلڻ لڳي. گهنشام حيرانگيءَ وچان سندس اهي انيڪ روپ ڏسندو رهيو. هوءَ ڪلندي ڪلندي خاموش ٿي چوڻ لڳي "آءٌ ڇري ڪونه آهيان. پر ڪنهن ڪنهن وقت دل تي ايتري ته گهٻراهٽ طاري ٿي ويندي آهي جو مون کي ڪلڻو پوندو آهي. جي آءٌ نه کلان ته ڪر مري وڃان."

گهنشام خاموش رهيو.

پولما چيو "تون چپ ڇو آهين. ڪهڙي ڳالهه آهي؟ تنهنجي دل ۾ ڪا ڳالهه آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھنشام چيو ”ڪجھ ڪونھي پولما، ڪا ڳالھ نہ آهي.“

”ڪوڙ نہ ڳالهاءِ، تنهنجون اکيون ٻڌائين پيون تہ تون پريشان آهين. ٻڌاءِ نہ تہ آءٌ رڙيون ڪري ڪلنديس.“

گھنشام چيو ”پولما .... رگھو ريشمي قميص تو پاڻ چاهي.“

پولما کلي پيئي، ”ريشمي قميص؟ ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ ڇا رگھوءَ پاڻ توکي چيو.“

”نہ، رگھوءَ تہ ڪونہ چيو آهي، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ جي مون رگھوءَ لاءِ ريشمي قميص هٿ ڪري ورتي تہ مرڻ گھڙيءَ هو ڏاڍو خوش ٿيندو.“

پولما زور زور سان کلڻ لڳي، ”ريشمي قميص .... ها ها .... ريشمي قميص .... گھنشام تون تہ شروع کان ٻوڪ آهين. ڀلا هن ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ آهي ريشمي قميص؟“

گھنشام سندس کلڻ کان متاثر ٿيڻ بنا چيو ”تون نٿي سمجھين پولما .... تون ڪنهن اهڙي پيءُ جي دل جي ڪيفيت نٿي سمجهي سگهين جنهن جو پٽ مرڻ وارو آهي. مون کي ياد آهي جڏهن ننڍپڻ ۾ مون هڪ دفعو رگھوءَ کي توتارو وٺي ڏنو هو تہ هن خوشيءَ مان مون ڏانهن نهاريو هو. سندس اهي نگاهون مون کي اڄ بہ ياد آهن، سندس هڪ هڪ رانديڪو مون کي ياد آهي، هاري پنهنجي اولاد کي گهٽا رانديڪا ڪونہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي سکهندو آهي .... پر اڄ جڏهن رگهوءَ مون سان ريشمي قميص جو ذڪر ڪيو تڏهن مون سندس اکين ۾ اها ساڳي چمڪ ڏٺي جيڪا ننڍپڻ ۾ رانديڪن حاصل ڪرڻ وقت سندس اکين ۾ پيدا ٿيندي هئي. حسرت، ياس، اميد، شوق .... پار جي خواهش ماءُ پيءُ نہ سمجهندا تہ ٻيو ڪير سمجهندو. تون بہ ماءُ آهين پولما .... ڇا تون اهي ڳالهيون نٿي سمجهين."

پولما روئڻهارڪي ٿي، چيائين "منهنجي ڪک مان ڪيترن جنم ورتو .... پر اڄ ڪوبہ باقي نہ آهي. ڪي ڏڪار ۾ مري ويا، ڪي پليگ ۾ ويا. جيڪي آڻان ٻچيا تن ڪي زميندار جو ظلم ڪائي ويو. ڪن ڪي مارائي ڇڏيائين، ڪي جيلن ۾ پيا سڙن .... منهنجو هاڻ ڪير آهي پٽ. آءٌ ڇا سمجهنديس انهن ڳالهين مان."

گهنشام چيو "پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ ريشمي ڪپڙو آهي؟"

پولما وري ڪلڻ لڳي، هن دفعي سندس ٽهڪ ايڏا تہ بلند هئا جو پاڙي وارا ٿي چار هاري ڊوڙندا آيا تہ خير تہ آهي.

هنن پڇيو "ڇا آهي ڇري؟"

پولما چيو "ڇري آءٌ يا هي .... جيڪو چوي ٿو تہ رگهوءَ لاءِ ريشمي قميص کپي."

گهنشام پيراڻتي ڳالهہ ڪري ڪين ٻڌائي. هارين ٻڇندي ٻڇندي چيو "گهنشام! اسين تنهنجي دل جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال چاڙهون ٿاه تنهنجي ڪيفيت سمجهون ٿاه پر هيئر ريشمي قميص ڪٿان ايندي؟ ڪهڙيون اجايون ڳالهيون پيو ڪرين. صبح جو رگهوءَ کي قاسي ڏيندا ۽ تون ريشمي قميص پيو ڳولهين. رگهوءَ پاڻ پڌندو ته ناراض ٿيندو."

هڪ هاريءَ چيو "نه نه .... اسان کي گهنشام جي خواهش پوري ڪرڻ گهرجي. راموءَ جي شادي آهي ايندڙ مهيني، هلو ته سندس پيءُ کان پڇون. ٿي سگهي ٿو ته هن ريشمي ڪپڙو به هٿ ڪيو هجي."

ٻئي چيو "راموءَ جي پيءُ وٽ ايترا پئسا ڪٿان آيا جو هو ريشمي ڪپڙو وٺي سگهي."

گهنشام چيو "پر پڇڻ ۾ ڪو خرچ ته ڪونه ٿو ٿئي."

ٻه ٽي هاري گهنشام سان گڏ راموءَ جي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. هڪ پوڙهي چيو "رات جو هيءَ هلچل ڏسي جي پوليس اچي ويئي ته؟"

هڪ جوان جوش مان چيو "ڏٺو ويندو، هلو ته راموءَ جي گهر هلون."

اهي چار ڄڻا روانا ٿيا. جتان جتان هي لنگهيا ٿي، هاري سجاڳ ٿيندا ويا ۽ ساڻن گڏ شامل ٿيندا ويا. جڏهن اهو جلوس راموءَ جي گهر پهتو ته اتي به اها خبر اڳواٽ پهچي چڪي هئي. راموءَ جي پوڙهي پيءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ جوڙيندي چيو ”هي سامهون ڪٽ تي سمورا ڪپڙا پيا آهن جيڪي مون پنهنجي راموءَ لاءِ ٺاهيا آهن، انهن مان هڪڙو به ريشمي ڪپڙو ڪونه آهي. نه ته رگهوءَ لاءِ ريشمي ڪپڙو ڇا، منهنجي جان به حاضر آهي.“

ڳوٺاڻا هاڻ گهر گهر وڃي ريشمي ڪپڙي جي ڳولا ڪرڻ لڳا. رگهوءَ لاءِ ريشمي قميص حاصل ڪرڻ هاڻ ڳوٺ وارن جي زندگي ۽ موت جو مسئلو هو. ايتري ۾ راملو ڌوٻي ڊوڙندو آيو. سندس هٿ ۾ ميرن ڪپڙن جي هڪ هڙ هئي، اها هڙ هن گهنشام اڳيان اڇي کولي ۽ چيائين ”هن ۾ به قميصون ريشمي آهن، هڪڙي جگن‌ناٿ جي ۽ ٻي پرتاب جي.“

گهنشام نفرت مان چيو ”منهنجو پٽ زميندار جي قميص پائيندو؟ ڇريو ٿيو آهين راملو؟؟“

راملوءَ پريشان ٿيندي چيو ”ته پوءِ هن ڳوٺ ۾ ٻئي ڪنهن ڪان ملندي ريشمي قميص؟“

گهنشام ماٺ ٿي ويو. ڪيترا نوجوان واپس هليا ويا. اوچتو گهنشام کي ڪا ڳالهه ياد آئي ۽ هو ڊوڙندو پنهنجي جهڳيءَ ڏانهن ويو.

جهڳيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيل ڪاٺ جي پيٽي کولي هن ان مان پراڻا سراڻا ڪپڙا ڪڍيا. اهي ڪپڙا سندس زال جا هئا جيڪي کيس ڏيج ۾ مليا هئا. پيا ته سڀ ڪپڙا ڪاچي ويا هئا، صرف هڪ ريشمي رڏو سلامت پيو هو جيڪو رگهوءَ جي ماءُ شروع ڪان ٿي

پنهنجي ننهن لاءِ رکي ڇڏيو هو. هوءَ اڪثر ڏاڍي مان سان چوندي هئي ”آهي ڪنهن ماءُ جو ڄڻيو ڪنهن هاريءَ جي گهر ۾ اهڙو رئو؟ اهو آءٌ پنهنجي پٽ جي زال کي ڏينديس.“

گهنشام اهو سراتيل رئو ڪڍي ڏنو. ڳاڙهي رنگ جو چمڪدار رئو .... نرم نرم ۽ ملائم .... سندس چهري تي اطمينان پکڙجي ويو.

ريشمي رئو ڏسي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڇڻ منجهن تازو تازو رت ڊوڙڻ لڳو. سڀ جوش ۾ اچي ويا. رئي مان قميص ٺاهڻ لاءِ انهيءَ وقت ٽي چار جوان ڊوڙندا ويا ڳوٺ جي درزيءَ شيام کي جاڳائڻ. شيام آيو ته ڪپڙو ڏسي چيائين ”ڪپڙو گهٽ آهي، قميص ته ڪونه ٺهندي، باقي صدري ٺهي ويندي.“

ته جوانن رڙيون ڪري چيو ”اها ئي ٺاهي، پر جلدي ڪر.“

ٻه نوجوان سندس سلائي مشين کڻي آيا. شيام ڪپڙو کولي ڏٺو، ان ۾ ٻه ٽي سوراخ هئا جيڪي ٽڪڙين جي ڪاٽڻ ڪري ٿيا هئا. گهنشام اهو ڏسي پريشان ٿي ويو. پر شيام چيو ”فڪر نه ڪر، آءٌ ڪپڙو اهڙي نموني ڪٽيندس جو رکيل جي صدريءَ ۾ ڪو سوراخ ڪونه هوندو.“

مشين آئي ته قميص جي سلائي شروع ٿي. شيام سلائي ڪري رهيو هو ته سڄو ڳوٺ ڏانهس نهاري رهيو هو. اهڙي عجيب قميص هن اڄ تائين نه ڏٺي

سنڌس چمچا ۽ پوليس ۽ فوج جا سپاهي، نعرن هڻندڙ انهيءَ هارين جي سمنڊ کي ڏسي ڀڄي ويا هئا. رستي ۾ جتي جتي ڳوٺ آيو ٿي، اتان، پيا ماڻهو انهيءَ جلوس ۾ شامل ٿيندا ٿي ويا، هر ڳوٺ مان زميندار ۽ رياستي پوليس جا سپاهي شهر ڏانهن ڀڄي چڪا هئا.

جلوس بناڪنهن روڪ ٽوڪ جي جيل ڏانهن وڌي رهيو هو. جتي سنڌ جي حقن لاءِ جاگيردارن ۽ حڪومت سان جنگ جوٽيندڙ بهادر مجاهد پنهنجي زندگيءَ جي آخري رات گذاري رهيو هو. اهو مرد مجاهد جنهن ريشم، اناج ۽ عزت جي مناسب ورڇ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي، جنهن غريبن جي خوشين لاءِ جنگ ڪئي هئي ۽ انسان نما راڪاسن ڪيس انهيءَ ”عظيم ڏوهه“ جي ڪري ڦاسيءَ جي سزا جو حڪم ٻڌايو هو جنهن تي صبح نڪرڻ سان عمل ٿيڻو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ نڪرڻ گان، يعني سزا تي عمل ٿيڻ
کان ڪجهه اڳ جڏهن گهنشام ريشمي قميص ڪٽي
رگهوءَ وٽ پهتو ته هو حيران ٿي ويو. وايومنڊل هارين
جي نعرن ۽ سندن ڳاتل هاريءَ جي سجاڳيءَ متعلق
گيتن سان گونجي رهيو هو .... هو رگهوءَ ۽ پنهنجن
ٻين سائين جي عظمتن جا گيت ڳائي رهيا هئا، سندن
عظمت کي سلام ڪري رهيا هئا، سندن مشن کي
جاري رکڻ جا واعدا ڪري رهيا هئا، پنهنجون جانيون
قربان ڪرڻ جا واعدا ڪري رهيا هئا. رگهو حيران
هو ته اهي آواز ڪٿان اچي رهيا هئا، گهنشام سندس
اچرج ڏسي کيس ٻڌايو ته ڪيترن مرحلن مان لنگهي
قميص تيار ٿي هئي ۽ ڪهڙي عزت پرڏي انداز ۾ ڏهه
هزار هارين جو جلوس اها قميص جيل تائين ڪٽي آيو
هو ۽ هاڻ اهي هاري جيل جي ٻاهران نعرا هڻي رهيا
هئا، گيت ڳائي رهيا هئا، نه ڪين ڪو ڊپ هو نه
ڪنهن جي پرواهه .... ڏهه هزارن جو اهو ميڙ اڄ هڪ
هو .... متحد هو .... کين خبر هئي ته سندن گڏيل قوت
کي دنيا جي ڪابه طاقت شڪست نٿي ڏيئي سگهي.
رگهو ويندي ويندي به کين هڪ تيڻ لاءِ پليٽ فارم
مهيا ڪري رهيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ جي واتسان محبت، شفقت ۽ پيار جو اهو داستان ٻڌي رگهوءَ جي دل ڀرجي آئي. سندس اکين ۾ روشني، لازوال روشنيءَ ۽ تابناڪ مستقل جي چمڪ پيدا ٿي. هن هڪ دفعو وري هاريءَ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جو خواب ڏٺو ۽ فرمانبرداري ۽ خلوص جي جذبي سان سرشار ٿي هن پنهنجو سر پيءُ جي ڪلهي تي ڪٽي رکيو. جنهن کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ورتو. پوءِ گهنشام چيو ”وقت گهٽ آهي پٽ، هاڻي تون هيءَ قميص پائي وٺ، اها منهنجي به خواهش آهي ۽ تنهنجي ڳوٺ وارن جي به.“

رگهوءَ مرڪي جيل وارو لباس لاهڻ شروع ڪيو، ۽ پوءِ نهايت ادب ۽ احترام ۽ احتياط سان ريشمي قميص پائڻ لڳو .... ۽ ان وقت گهنشام فخر سان ڳاٽ اوچو ڪيو پنهنجي پٽ ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ پٽ جي دل جي حالت به اور هئي.

ڳاڙهي ريشم جي نرم ملائم چمڪدار قميص پهري، رگهوءَ ائين محسوس ڪيو ڄڻ هن صرف هڪ قميص نه پاتي آهي پر پنهنجي عوام جو جهنڊو، ۽ سندن جدوجهد جو عظيم نشان پاتو آهي .... ڄڻ هو پنهنجو خون پهريو بيٺو هو، ڄڻ پنهنجا فصل پاتو بيٺو هو، پنهنجي پيءُ جي شفقت ۽ ماءُ جو سهاڳ پاتو بيٺو هو .... رگهوءَ جو سر فخر مان اوچو ٿي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريشم جي قميص تي هٿ ڦيرائيندي فخر ۽ غرور مان رگهوءَ پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريو ۽ کيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ سچ جي پرنور روشن ڪرڻن رات جي اونده جي ڳلن تي اهڙي ته زور سان چماٽ وهائي ڪئي آهي جو جيل جا سڀ لوهي دروازا پگهرجي ختم ٿي ويا آهن. انهيءَ گهڙيءَ جڏهن هن اهو محسوس ڪيو ته سچ نروار ٿي چڪو آهي، اوپر طرف، جتي زمين ۽ آسمان جو ميلاپ ٿي رهيو آهي اتان سچ ديوتا پنهنجي تمامتر آب، تاب ۽ جوڀن سان آسمان جي روشن چهري تي نڪري نروار ٿيو. چند ٻين ساعتن کان پوءِ روشنيءَ جا ڪرڻا زمين کي چمڻ لڳا .... ۽ روشني لوهي سيخن مان لنگهندي اندر ڪال ڪوٺڙيءَ تائين پهچي وئي. سچ جي روشني ڏسي رگهوءَ خوشيءَ وچان رڙ ڪري پيءُ کي مخاطب ڪيو ”بابا .... بابا .... ڏس ته .... لوهي سيخون به سچ جي روشنيءَ کي روڪي نه سگهيون. صبح ٿي ويئي بابا .... صبح جي روشني دنيا ۾ پکڙجي ويئي.

گهنشام جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا .... پر هن انهن مقدس لڙڪن کي روڪيو ڪونه. پنهنجي سراڻيل پوڙهي چهري تي وهڻ ڏنائين.

هوڏانهن رگهو، جيل جي واردن جي گهيري ۾، پنهنجي نرڙ تي صبح جي ماڪ جو پيار ڀريو لمس محسوس ڪندي ۽ سچ جي منور ڪرڻن جو پيغام

پڙهندي، ڳاٽ اوچو ڪيو، ڌرتي ماءُ جي ڇاتيءَ تي پنهنجا اڏول قدم ثابت قدميءَ سان رکندو ڦاسيءَ گهاٽ ڏانهن وڌي رهيو هو. سندس اکين ۾ روشن آئيندي جي جوت جلي رهي هئي، سندس چهري تي اعتماد ۽ يقين جو نور هو. ڏسڻ وارن جي اکين ۾ لڙڪ هئا، پر رڳهوءَ جي چپن تي مرڪ هئي .... لازوال، معصوم مرڪ.

جيل جي چارديواريءَ ٻاهر هزارين هارين جو اجتماع بلند آواز ۾ ترانو ڳائي رهيو هو جنهن جو آواز آسمان تائين پهچي ويو ۽ جنهن کي ٻڌي رڳهوءَ جو سينو ويڪرو ٿي ويو، ڳاٽ اوچو ٿي ويو، ۽ هو ٻناڪنهن ڌپ ڌاءُ جي مرڪندو وڃي تختي تي چڙهيو....

ڏسو،
تلنگانا سجاڳ آهي،
ڍهل وڄايو، شرنايون وڄايو،
فتح جي جلوس جي اڳواڻي ڪريو،
دشمن کي ماري ناس ڪريو،
فتح اوهان جي منتظر آهي،
فتح اوهان جو مقدر آهي،
آنڌرا جا فرزندو، اچو....

جيڪو ترانو جيل جي چارديواريءَ ٻاهر هارين جي چپن تي هو، سو جيل اندر گهنشام جي چپن تي به گونجي رهيو هو. تراني جا ٻول چوندي چوندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهنشام اٿين محسوس ڪيو ڇڻ سندس اندر ۾ هڪ جهنڊو جنم وٺي رهيو هو جنهن تي شهيدن جا چهرا ڪڙهيل هئا جي سونن سنگن جي روپ ۾ نقش ٿيل هئا، هارين جي آواز سان زمين آسمان لرزي رهيا هئا، جي گهنشام کي انهيءَ وقت اهو پيغام سمجهه ۾ آيو ته جيسين آنڌرا جو هاري زنده آهي، سندس ڇپن تي موجود تراڊو ۽ سندس دل ۾ جنم وٺندڙ جهنڊو زنده رهندو، ۽ سندس پٽ رگهو به زنده رهندو .... امر رهندو، هارين ۽ ڪمين جي دل ۾ هر وقت موجود رهندو.

۽ سندن زندگيءَ مان اونده جا اهي ڪڪر هڪ ڏينهن نيٺ دور ٿيندا، هڪ ڏينهن نيٺ سندن حياتيون سج جي روشن ڪرڻن سان منور ٿينديون، غلاميءَ جو طوق هڪ ڏينهن هو لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا .... هڪ ڏينهن نيٺ هو سک جو ساهه کڻندا، عزت ڀري زندگي گذارڻ جي قابل ٿيندا، زندگيءَ جي سونهن ۽ سوڀيا ماڻي سگهندا، ۽ سندن ڇپن تي به خوشيءَ ڀريا گيت هوندا، عزت ڀري مرڪ هوندي.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عظمت ادبي اڪيڊميءَ جا
## ڇپرايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۰۱ | اگهاڙي | عمر ميمڻ | |
| ۰۲ | عشق | عمر ميمڻ | |
| ۰۳ | قرب جا ناتا | عمر ميمڻ | |
| ۰۴ | قيدياڻيءَ جي ڊائري | اختر بلوچ | |
| ۰۵ | پيار ۽ پاپ | موهن ڪلپنا | |
| ۰۶ | پوڙهو ۽ سمنڊ | عمر ميمڻ | |
| ۰۷ | * جنم قيدي | يوسف بلوچ | ۱۶—۰۰ |
| ۰۸ | جنگ ۽ انسان | عمر ميمڻ | |
| ۰۹ | جي ماريا نه موت | تنوير عباسي | |
| ۱۰ | ڏراڙن جا ڏڪ | ماهوار تحريڪ | |
| ۱۱ | ڳالهيون ڳنوارن جون | ماهوار تحريڪ | |
| ۱۲ | * جنس پيار ۽ شادي | عمر ميمڻ | ۲۰—۰۰ |
| ۱۳ | پريت پراڻي ريت نرالي | سندري اتمچنداڻي | |
| ۱۴ | * سنڌي ٻوليءَ ڪي لِکار | ماهوار ملهر | ۶—۰۰ |
| ۱۵ | * ان داتا | عمر ميمڻ | ۶—۰۰ |
| ۱۶ | * ويٽنامي ڪهاڻيون | ماهوار تحريڪ | ۱۴—۰۰ |
| ۱۷ | * پيار پيار، پيڙا پيڙا | سندري اتمچنداڻي | ۱۰—۰۰ |
| ۱۸ | * ٽو جنين جي ٽات | سندري اتمچنداڻي | ۱۰—۰۰ |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٩. | لڳ منهنجا لوهه | محبوب علي راهوجو | |
| ٢٠. | * بي اولاد | عمر ميمڻ | ٥-٠٠ |
| ٢١. | * ڪرندڙ ديوارون | سندري اتمچنداڻي | ١٢-٠٠ |
| ٢٢. | * رام محمد ڊيسوزا | عمر ميمڻ | ١٢-٠٠ |
| ٢٣. | * علم تدريس، مظلومن لاءِ | محمد ابراهيم جويو | ٢٥-٠٠ |
| ٢٤. | * جڏهن جهوڪ جهريو | رشيد ڀٽي | ٦-٠٠ |
| ٢٥. | * اٿو لٿو ۽ اجهو | عمر ميمڻ | ١٢-٠٠ |

نشان لڳل ڪتاب موجود آهن.

گهرائڻ لاءِ لکو:

١. عظمت ادبي اڪيڊمي
سردار پريس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد

٢. لطيف نيوز ايجنسي
لڳ عبرت پريس،
گاڏي کاتو، حيدرآباد

٣. سگند ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي اداري جا
ايندڙ ڪتاب

١- تاريخ ڇا آهي
٢- چين ۾ قومي سوال
٣- لڳ منهنجا لوهه
(ٻيو ڇاپو)
٤- جي ماريا نه موت
(ڇوٿون ڇاپو)

عظمت ادبي اڪيڊمي
حيدرآباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيک فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book